# مهراڻ





سنڌي ادبي بورڊ

ڪراچي — حيدرآباد سنڌ — (پاڪستان)

# مهراڻ

"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.

ملڻ جو هنڌ:

۱. سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، "امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.
۲. سنڌ جا سيئي وڏا ڪتب فروش.

قيمت ۲-۵۰ رپيا

سالياني چندو ۱۰-۰۰ رپيا   في ڪاپي ۲-۵۰ رپيا

Printed and Published by Shaikh Ali Mohammad, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book stall, "Amin Manzil", Gadi Khato, Hyderabad, Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

## آه! علامه. آء. آء. قاضي!

سنڌي ادب ۽ ثقافت، علم ۽ فن، تهذيب ۽ تمدن جي پارکن ۽ عالمن لاءِ هيءَ خبر نهايت ڏک پهچائيندڙ آهي ته هن قحطالرجال جي دور ۾، اسان سنڌ جي مايه ناز فرزند، بلند پايه عالم، جليل القدر مفڪر، بي مثال عالم ۽ محقق، حضرت علامه. آءِ. آءِ. قاضي جهڙي عظيم شخصيت کان ١٣-اپريل ١٩٦٨ع تي محروم ٿي چڪا آهيون.

اناللہ وانااليه راجعون.

علامه مرحوم جي وفات حسرت آيات سان نه فقط اهل سنڌ ۽ برصغير هند و پاڪ کي، بلڪ پوري انسانذات کي عظيم نقصان پهتو آهي، جنهن جي تلافي هزارن سالن گذرڻ تي به ٿيڻ ناممڪن آهي. علامه صاحب جي ذات بابرڪات انهن جليل القدر عبقري ۽ جينيس ماڻهن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي، جن لاءِ علامه اقبال فرمايو آهي:

هزارون سال نرگس اپني بي نوري په روتي هے،
بڑي مشکل سے هوتا هے، چمن مين ديده‌ور پيدا.

علامه صاحب جهڙي جامع صفات هستي، انساني تاريخ ۾ هڪ اهڙو مثال آهي، جنهن جي محاسن ۽ خصائل، سيرت ۽ سوانح تي لکڻ لاءِ دفتر درڪار آهن.

علامه مرحوم جي شخصيت، ڪنهن به رسمي تعارف جي محتاج ناهي— علامه جي علمي فيوضات کان نه فقط سنڌ ۽ برصغير هند و پاڪ جي صاحب نظر ماڻهن استفادو ڪيو آهي، پر ان کان علاوه، يورپ ۾ پڻ هزارين اهڙا صاحب دل موجود آهن، جن علامه صاحب جي فڪر و نظر مان استفادو ڪيو آهي.

انساني علوم و فنون کان وٺي، مذاهب عالم جي تقابلي مطالعي، فلسفي ۽ سائنس، حڪمت ۽ ادب، شاعري ۽ آرٽ، تاريخ ۽ تمدن، لغت ۽ منطق، نفسيات ۽ تصوف جي عميق ۽ دقيق، جزئيات تائين سندن نگاهه هئي.

باوجوديڪ يورپ ۾ گذارڻ جي، سندن فڪر و نظر ۾ ذري جيترو به فرق نه آيو. بالخصوص قرآن ۽ ان جي حقائق ۽ معارف تي، سندن نگاهه بصيرت افروز ۽ مجتهدانه هئي.

پنهنجي عمر عزيز جي هر لمحه تي سندن نگاهه هئي. سندن غور و فڪر جي تہ احتساب جي ميزان جي علامت بنجي چڪا هئا. معمولي کان معمولي مسئلي کان وٺي، ڪنهن بين الاقوامي ۽ اهم مسئلي تائين، سندن نڪتہ سنج ۽ عالمانہ محققانہ ۽ ناقدانہ راءِ، علي وجه البصيرت رهندي آئي.

سندن پرورش ان ماحول ۾ ٿي، جو ماحول، سيرت ۽ اخلاق جي قدرن ۽ معيارن جي حفاظت ڪندڙ هو. سندن اک ان گهر ۾ پٽي، جنهن ۾ نماز ۽ روزه، تسبيح ۽ تلاوت جي پابندي هئي. ان ڪري، ننڍيءَ عمر ۾ ئي سندن فڪر و نظر جي تربيت ۽ ديندار يءَ ۽ ديانتداريءَ واري. ماحول جي اثرات، منجهن دين سان وابستگي پيدا ڪئي. ان کان علاوه، پاڻ امام غزاليءَ جي سيرت ۽ افڪار کان تمام گهڻو متاثر ٿيا. غزاليءَ جي فلسفہ اخلاق، فلسفيانہ ۽ صوفيانہ توجيهات کان پاڻ ايترو تہ متاثر هئا، جو جديد فلسفين جي افڪار ۽ خيالات تي بہ غزاليءَ کي ترجيح ڏيندا هئا. جديد نفسيات ۽ جديد فلسفہ الاهيات جي اهم مسئلن ۾ بہ پاڻ غزاليءَ جي فيصلن ۽ نتيجن کي پسند ڪندا هئا.

انهيءَ سلسلي ۾، لطيف جي وجد انگيز ڪلام ۽ سيرت کان بہ ڏاڍو متاثر رهيا. لطيف جي ڪلام جي شرح ڪندي، جيڪي توجيهات ۽ تعبيرات، علامہ صاحب جن جي زبان فيض ترجمان مان پڌرا ٿيا آهن، اهي سندن خيال ۽ فڪر جي وسعت ۽ گهرائيءَ جي ساک پرين ٿا. لطيف جي هر لفظ، هر بندش، هر بيت ۽ هر مضمون تي سندن عالمانہ ۽ عارفانہ نگاهه هئي. لطيف جي فن ۽ فڪر جي تعارف ۾ جي سندن چند ارشادات موجود آهن، اهي 'لطيفيات' ۾، وڏو مقام حاصل ڪري چڪا آهن. پاڻ لطيف جو رسالو بہ ايڊٽ ڪيائون، جو بورڊ شايع ڪيو آهي.

علامہ صاحب جن کان مابعد الطبعيات متعلق جن صحبتن ڪجهہ پڙهيو آهي، انهن جو چوڻ آهي تہ جديد سائنس ۽ ان جي اڪتشافات تي سندن دسترس، هڪ ماهر فن کان گهٽ نہ هئي. ان طرح قديم ۽ جديد فلسفيانہ افڪار تي پڻ سندن نگاهه مجتهدانہ هئي. ان سان گڏ، ادب ۽ شعر جو پاڪيزه مذاق، جو علامہ مرحوم ۾ نظر آيو، اهو ٻئي هنڌ نظر نہ ٿو اچي. سندن اسلوب نگارش بہ اهڙو شستہ ۽ پاڪيزه هو، اهڙو مدلل ۽ سهل ممتنع هو، جو ان جو ڪنهن کان بہ تتبع ٿي نہ ٿو سگهي.

بهرحال، اهڙو جامع الصفات بزرگ، علوم و فنون جو جامع، عمل ۽ پاڪيزگيءَ جو پيڪر، هن فاني دنيا مان لڏي، دارالبقا ۾ آرامي ٿيو! لطيف چيو آهي:

ڪيجي ڪا چوڻي، نانگن پڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوڻي، پورب ٿيندي پڌري!

ان خاص نمبر جي ضخامت، مهراڻ جي اڳين خاص ضخيم نمبرن جيتري ٿيندي، ۽ اهو نمبر سنڌي ادب ۾ هڪ مڪمل تذڪره شعراء ٿي رهندو. اميد ته ان تاريخي يادگار جي ترتيب ۾ شعراءِ ڪرام جلد از جلد شموليت فرمائيندا.

ان طرح ٻيا نمبر هيٺينءَ طرح ٿي سگهن ٿا: 'افسانہ نمبر'، 'ناول نمبر'، 'ڊراما نمبر'، 'شخصيات نمبر'، 'مڪاتيب نمبر'، 'آپ بيتي نمبر'، وغيره. ان جو تفصيل آئينده شايع ڪيو ويندو.

## بورڊ جا نوان ميمبر

دستور موجب، بورڊ جي نون ميمبرن جو تقرر، جناب گورنر صاحب، مغربي پاڪستان هن طرح ڪيو آهي: .

جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولا"، ميمبر قومي اسيمبلي، 'تمغہ پاڪستان'، (چيرمن، سنڌي ادبي بورڊ)،

جناب آغا عبدالنبي صاحب، رٽائرڊ ڪمشنر،

ڊاڪٽر محمد صالح قريشي صاحب، وائس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي،

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، صدر شعبهء تعليمات، سنڌ يونيورسٽي،

ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب، صدر شعبهء فارسي، سنڌ يونيورسٽي،

خانصاحب عبدالله چنا، رٽائرڊ ڊپٽي ڪمشنر،

عبدالغفور صاحب پرڳڙي، ايڊوڪيٽ،

محترمہ بيگم شمس العلماء علامہ دائودپوٽہ مرحوم،

جناب عبدالمجيد خان، ڊائريڪٽر تعليمات، حيدرآباد.

## شڪريہ

اداره "مهراڻ"، جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولا"، چيرمن سنڌي ادبي بورڊ، ۽ جناب ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهہ الحسيني، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جو شڪرگذار آهي، جن مواد جي ترتيب ۽ انتخاب جي سلسلي ۾ معاونت فرمائي. ان طرح اداره "مهراڻ"، مسٽر غلام رباني، اسسٽنٽ سيڪريٽري، مسٽر علي بخش احمد زئي، مئنيجر پريس، ۽ سندس ڪارڪنن جو احسانمند آهي، جن جي فني تعاون سان "مهراڻ" وقت تي ڇپجي سگهيو آهي.

ان طرح، "مهراڻ" آفيس جي ڪارڪن ۽ رفيق، ٻريو "ناشاد"، مواد جي نقل، ترتيب ۽ پروف ڏسڻ ۾ قابل قدر ساٿ ڏنو آهي. —غ. م. گ.

# ا

**بيت:** مخدوم محمد زمان ‘طالب المولا’؛ احمد خان ‘آصف’؛ ‘قمر’ لوابشاهي؛ ‘وفا’ لاڙڪاڻي.

**دوها:** نارائڻ ‘شيام’؛ ‘تنوير’ عباسي؛ لڪميچند ‘پريم’؛ ‘آثم’ لاڙڪاڻي؛ محمد سومار شيخ؛ ‘استاد’ بخاري.

**ڪافيون:** ‘بيخود’ حسيني؛ ‘عارف المولا’؛ جشنگهاڻي ‘سام’؛ ‘محسن’ ڪڪڙائي؛ حافظ ‘احسن’؛ احمد خان ‘اختر’؛ ‘خادم’ سروري؛ احمد خان ‘آصف’؛ ‘وفا’ ناٿنشاهي؛ رحيم بخش ‘قمر’؛ ‘لثار’ بزمي.

**وايون:** شيخ اياز؛ حافظ ‘احسن’ چنا؛ ‘استاد’ بخاري؛ ‘وفا’ ناٿنشاهي؛ ‘آثم’ ناٿنشاهي؛ احمد خان ‘اختر’؛ ‘نثار’ بزمي؛ پريو ‘ناشاد’.

**گيت:** ‘سليم’ ڳاڙهوي؛ ‘عارف المولا’؛ ‘محسن’ ڪڪڙائي؛ عبدالقيوم ‘صائب’؛ ‘مجذوب’ لاشاري؛ ‘نثار’ بزمي؛ ‘وفا’ ناٿنشاهي.

**لوڪ گيت:** ‘نياز’ همايوني.

**نظم:** عبدالڪريم ‘گدائي’؛ هري ‘دلگير’؛ ‘سليم’ ڳاڙهوي؛ ‘فتاح’ ملڪ؛ ‘پروانو’ ڀٽي؛ ‘آثم’ ناٿنشاهي.

**آزاد نظم:** واسديو ‘نرمل’؛ ‘استاد’ بخاري؛ ولي محمد ‘وفا’؛ ‘راز’ ناٿنشاهي.

**غزل:** ‘نياز’ همايوني؛ ‘عارف المولا’؛ مرزا فيض علي ‘فيض’؛ ليکراج ‘عزيز’؛ جشنگهاڻي ‘سام’؛ ‘محبوب’ سروري؛ ‘سليم’ ڳاڙهوي؛ ‘ذوالفقار’ راشدي؛ ايم. ڪمل؛ ‘استاد’ بخاري؛ واسديو ‘نرمل’؛ ‘نشتر’ ناٿنشاهي؛ ‘وفا’ ناٿنشاهي؛ ‘آثم’ ناٿنشاهي؛ ‘نثار’ بزمي؛ ‘انور’ هالائي؛ ‘جليل’ سروري؛ پريو ‘ناشاد’.

**قطعا:** ‘پروانو’ ڀٽي؛ حافظ محمد ‘احسن’ چنا؛ ‘محسن’ ڪڪڙائي؛ ‘نشتر’ ناٿنشاهي؛ ‘استاد’ بخاري؛ احمد خان ‘آصف’؛ ‘وفا’ ناٿنشاهي؛ ‘آثم’ ناٿنشاهي؛ غلام سرور ڀڳيو.

**رباعيون:** حافظ محمد ‘احسن’ چنا؛ ‘سليم’ ڳاڙهوي؛ ‘محسن’ ڪڪڙائي؛ ‘استاد’ بخاري؛ ‘راز’ ناٿنشاهي؛ لڪميچند ‘پريم’.

**نيون طرزون:** ‘محسن’ ڪڪڙائي؛ ‘راز’ ناٿنشاهي؛ واسديو ‘نرمل’.

**غير ملڪي ٻولين جي شاعري:** مئڊم ٽيڪلا مولينهر (سئنڊيگو- ڪئليفورنيا- آمريڪا)؛ مترجم: پريو ‘ناشاد’.

"هر شاعر، پنهنجي فڪر ۽ نظر جي حيثيت مان، ۽ پرک جي اک رکي ٿو. ۽ هر ڪنهن جي اک به پنهنجي آهي ته پرک به پنهنجي آهي. اتي اچي ائين چئي ٿو سگهجي، ته شاعر پنهنجي اک ۽ پنهنجي پرک جي روشنيءَ ۾، پنهنجي فن جو حسن ۽ جمال به ڄڻ پاڻ ئي ٿو پيدا ڪري. شاعر جي نگاهه، پاهرئين نموني ۾ ته قدرت ۽ ڪائنات جي رنگين ۽ دلڪش نظارن کي ڏسي پسي ٿي، پر ان سان گڏ، جذبن ۽ خيالن جي دنيا ۾، زندگيءَ جي حسين پَري به کيس گهڻو ڪجهه ٿي سيکاري ۽ ڏيکاري!

"غور ۽ فڪر جي عالم ۾، جڏهن شاعر جا مونا، طور سينا ٿا بڻجن، ۽ مٿس الهام جي گهڙي ٿي اچي، تڏهن سندس سڀ تجربا ۽ مشاهدا، توڙي 'حال، قال ۽ خيال'، سڀ ولوڙي ۾ اچي وڃن ٿا — جيئن ماٽيءَ ۾ مَهي! مٿان آڄ ئي آڄ وڃي ٿي رهي، پر تري ۾ اهو ٿو گڏ ٿئي، جنهن کي 'آب-حيات' سڏجي. اهو "آب-حيات"، شاعر پنهنجن خيالن جي پيالن ۾ اوتي ۽ آڇي، پاڻ به مست ۽ مدهوش ٿو ٿئي ته ٻين تي به ڪيف ۽ خمار جا ڪيپ ٿو چاڙهي!" — غ. م. گ

# دوها

## نارايڻ "شيام"

نيڻن جي ڪُڙڪين منجهان، جهاتيون پائن خواب،
سايـيـا جـي سنسار ۾، اچـڻ ڪاڻ بيتـاب.

سـور پـرائـڻ بـعـد نـي ليکيم پنهنجو وجـود،
ان ڪان اڳ نـه تـه پاڻ کي سمجهيم هست نـه بود.

جـوت پتنگ پـسـي جلن، جلڻ جلڻ جـو ڍنـگ،
پـائـي جـيـوت جـوت ۾ مـائـي مـوت پتنگ!

ڪين پُڏڻ مـان چا مليو، پـڏلـن ڪـي سا چاڻ،
تـارن ڪـي تـہ عميق جـي نـاهـي چـاڻ سڃاڻ.

مُـٺ پـيـڙي گهارڻ ڪلي، ڪنجوسن جـي ڪـار،
رنـگ مـان سرهاڻ ڏي، گـل تي جڳ ۾ گهار.

سـارو ڏينهن ڪـنـدا رهيا، پار نديءَ پـر رانـد،
سانجهن مهل چنڊي آئـيـا، واريءَ پريل پـلانـد.

چڻڪن ۽ چڪن سندي، مون ڪان سک تون مام،
تـارن جـو همراز مـان، شاعـر آهـيـان شـيـام.

## "تنوير" عباسي

تنهنجي پـيـار سهاري جڳ ڪـي ڪـري چـڏيـم سنگيت،
پوپٽ پوپٽ راڳ بڻي ويـو، گـل گـل تـي ويـو گيت.

مـون ڪـي تنهنجو پـاڪ ۽ نرمل، منهن ايئن لڳندو آهـ،
جـڻ رابيل جـي سرهي گـل ۾، ساهه وڌو آهي، الـلـه!

ٻورهئي ۾ جشن رفتہ رفتہ همٿ ايندي ويندي،
دوزخ دنيا ڏيري ڏيري، جنت ٿيندي ويندي.

ٻورهئي پنهن جو پاڻ سڃاڻڻ شروع ڪيو آهي،
دنيا پنهن جو رنگ مٽائڻ شروع ڪيو آهي.

آسان ناهي، دنيا ناهڻ، دوزخ مان جنت،
محنت، الفت، همت ۽ همت.

”انتم“ هٿ ۾ انسان؟ ٻيئو انسان؟ جو ويري،
ڀا تہ ڪندا اي دنيا تنهنجو ڍينگوئي ڍيري!

چاهيوسين تي ملنداسين، هڪ ٿينداسين هيڪر،
”هاڪر“ ۽ ”نهڪر“ جا ويڇا، وڏي ويا ويتر!

ڪافر مسلم، ڪارن ڀورن، جي حجت بہتر،
انسان، انسانن کان ٿهندو، الا اڃا ڪيتر!



# ڪافيون

## ڊاڪٽر سيد اسدالله شاه "بيخود" حسيني

*

توسان ڪڏهن رهڻ، وري ڌار ٿيڻ–
نڪي آهي جيئڻ، نڪي آهي مرڻ!

منهنجي حالت تي جي تون رحم ڪرين،
نڪي ڪانئين ڪيلين، رڳو سڏڪا ڀرين؛
منهنجا سور سٽين، وينو سور چرين:
جو ته توکي سيکاريو، قرب ڪرڻ!

اهي ڏينهن ته ڪهڙا ڏينهن هئا،
رڳو محبت جا ئي مينهن هئا؛
پنهنجا شوق ته جڻ ڪي شينهن هئا:
نڪي ڪنهن ڪان ڊڄڻ، نڪي ڪاڻ ڪيڻ!

تنهنجي فرقت سان لکين لفظ نهيو،
منهنجي من مان نڪرڻ، لڇيو ڦٽڪيو؛
سُر تار سرود جا ويس وجهيو:
ڪن ڳائڻ وڄائڻ، سوز سڙڻ!

اهڙو محبت ۾ مجبور آهيان،
پنهنجي پاڻ لئه پاڻ ئي پُور آهيان؛
ڪڏهن ڇهڪ آهيان، ڪڏهن چُور آهيان:
ڪڏهن خوب خوشيون، ڪڏهن روج رڙڻ!

اڄ، رسم و رواج جا بند پيچون:
هڪٻئي سان هم آغوش ٿيون،
پوءِ "بيخود" اهڙا ٿي ته وڃون:
نڪي عقل آڇڻ، نڪي هوش هڄڻ!

"عارف المولا"

*

توکي کهڙي ڪل، ور، يار،
ڪيئن مون ڦٽڪي رات گذاري.

سانجهيءَ ٽاڻي دلڙي ٽاڻي، دل جون مونجهون دل ۾ ڇاڻي،
روئي زاروزار قطار، ايندي ويندي واٽ نهاري!

سهسين سور سنجهي ساماڻا، ٽلڪي ٽاريم ڪيئي ٽاڻا،
ناهي دل کي صبر و قرار، لڇ پڇ لئون لئون ۾ لاچاري!

آڌيءَ اٿيو تڪيان تارا، ڏيل اندر ڌهه ڌهه ڌڪارا،
هينئڙي آهن هول هزار، اوسيئڙي جنڊڙي آزاري!

اَسرُ جو اٿيو ڪريان آهون، آهُ عجيب اڱڻ اوراهون،
سرڙو واريان سو سو وار، توکان وڌ جند ناهه پياري!

پرهه ڦٽي پر يار نه آيو، پيچ پنيءَ بيمار بڻايو،
پرهه جا برسر باري بار، ڪيئن سهي هڪ دل ويچاري!

ڪاري رات ڏنگي، جيئن ڏائڻ، هاءِ اچي ٿي هرهر ڪائڻ،
ٽانگڻ نڪريو ٽٽي ٽروار، سورن تنهن سان جنگ سيکاري!

سڏڪي ساري رات مون ڪاٽي، سورن کان سينو پيو ڦاٽي،
جهڙ ڦڙ اکيون مينگهه ملهار، مينهن جي آهي ريت نياري!

جيءَ ۾ جانب جو جهوراڻو، سنڌ سنڌ سورن کان آ ساڻو،
سهڻا ساجن لهه ڪا سار، 'عارف' جي ڪر ڪا پونواري!

ا. ح. جشنگهاڻي "سام"

*

گهڙيون شل ٻه-ٽي پي پرين ساڻ گهاريان،
پرين ساڻ گهاريان، ڏسي نين ٺاريان!
زماني جو ڌڪ، وهم جو آ وهاڻو،
انهيءَ کاڻ غم جي تڏي ڪيئن وساريان.

صبر ناهه کهڙي وٺي وات ان کي،
شرع، عشق جون سپ ڳليون ٿي ٻهاريان!
لَذم لاپ لنوَ ۾ سيکَڻ ۽ سهڻ جو،
غمن جي وندر ۾ مان سُک کيڻ ساريان.

سمايان ٿي هر ساس ۾ ياد ان جي،
وڇوڙي جا ڏينهڙا ائين ٿي گذاريان!
سندرم سار حيلو، وسيلو سندس نانءُ،
سوئي "سام" منتر هشي ٿي اچاريان!

## "محسن" ککڙائي

*

دُکي دل جا سڄڻ، او منهنجا مکڻ:
چَپَ چور تہ مان قربان ٿيان!
منهنجا سورَ پرين، شَهزور پرين:
ڏک اور تہ مان قربان ٿيان!

تنهنجو حڪم مڃان، تنهنجا پير چمان،
توکان ڪجهہ نہ گهران، توکي سيکي ڏيان،
نئون نينهن لڳو، سِڪ وارو سڳو:
ڪجهہ سور تہ مان قربان ٿيان!

ڪيڏو وقت ٿيو، آهين دُور رهيو،
ايڏو ويڇو وڌو، سَن! ناهي ڪبو،
سَنڌُ سَنڌُ منا، منهنجو ڪَنڌُ منا:
اچي ڪور، تہ مان قربان ٿيان!

'محسن' جي اچي، ڏِس سِڪڙي سچي،
منهنجي پرت پَچي، ٿي آ لال رچي،
پنهنجي هٿڙن سان، پنهنجي سيرِ جي مٿان:
مون کي گهور تہ مان قربان ٿيان!

## حافظ محمد ”احسن“ چنا

*

آءُ سڄڻ، تون اوري آءُ،     سور سيني جا سارا سٺايان!

ريت رسڻ جي ڇڏ تون راڻا،     پرت منجهان ڪر ڪو پرچاءُ،
پانڌ ڳچيءَ ڳل پايان پايان.

دلبر توسان دلڙي اڙائي،     سڪ جو چڪيم ساءُ،
عشق اصل ڪان افضل پانيان.

آس اندر ۾ آهي اِهائي،     وصل جو ورندو واءُ،
ڳڻن پريا تنهنجا ڳڻ پيو ڳايان.

شال حياتيءَ ۾ ٿئي حاصل،     لالن تنهنجو لقاءُ،
توسان ملي مان؟ عيد ملهايان.

چشمن جا تو تير چلائي،     گهورن سان ڪيا گهاءُ،
ڪهڙو تن کي مرهم لايان.

”احسن“ ڪي آهي آڻ-تڻ تنهنجي،     سرس سڄڻ سوداءُ،
پور اندر ۾ پيو تو پچايان.

## احمد خان ”اختر“

*

جان ۾ جنت جرڙ لائي ويا،     پانهنجيءَ پولين پڌائي ويا!

سڪنديءَ سڪندي سنگڙو سجايو،     موليٰ مٺ مٺ محب ملايو،
وڇڙي وير ورائي ويا!

مون نه انهن کي سمجهيو ڌاريو،     ڏک جن مون کي هيڏو ڏيکاريو،
چاڪين چشاڪا چڪائي ويا!

مون ڪيون آن لئه اکين اوطاقون،     پريا پنيور هئو، تڏهين لاکون،
پر هئو پنيوري پلائي ويا!

”اختر“ آن لئه ڪاڏو مون ڪافي،     ميٺي مٺيون ڏيندم معافي،
ايندا اگڻ، جي رُلائي ويا!

"وفا" نائن شاهي

*

مون کي غم ۾ ڇڏي، دلدار نه وڃ،
ڪري ڇورو ڇنو، منهنجو پيار نه وڃ!

ڏکيو آهي جيئڻ، رهي توکان جدا،
مون کي بخش ڪٿي جا ٿي مون کان خطا،
پنهنجي ٻانهن تي ناهي ظلم روا:
ڇڏ ڪاوڙ، موڙ مهار، نه وڃ......

توکي منٿون، آزيون، نيزاريون ڪيان،
توکي ٻانهون ٻڌان، تنهنجي پيرين پوان،
تنهنجي لاءِ جيئان، تنهنجي لاءِ مَران:
رولي رڻ ۾ قول قرار، نه وڃ......

ڪڏ ڪنهن جو انجار ڪري،
مٺي منهنڙو نه وڃ، مون سان ساک پري،
منهنجي جان تي ايذا ظلم ڪري:
ڏيندو مون کي نينهن ميار، نه وڃ......

"نشتر" نائن شاهي

*

قيمت تن جي ڪهڙي ڪثيون، قرب ۾ جيڪي ڪٺيون ڪٺيون!
ٻول ٻنهل جي جيڪي ٻڌيون، دل جون اميدون تن ئي لڌيون،
رمز ۾ سيئي رتيون رتيون!

پنهنجي ٻنهل ڏي وڃبو ڪاهي، سر جو سانگو لاهي ٻاهي،
ورڪي ووڙن ستيون ستيون!

وڃ مان جيڪي واپس آيون، هاري هليون سي ڪٽيل بازيون،
سڄڻ سي ٿيون سڏڙيون سڏڙيون!

# وايون

شيخ ”اياز“

تڙَ تڙَ تي طوفان، الوميان،
ناوَ هلي آ گيت ڪٿي!

وَلِڄهہ نہ وانجهي، موڙها مانجهي، سانجهي سرگردان؛
الوميان، ناوَ هلي آ گيت ڪٿي!

ڪهاٽَ مٿان ڪنڪهور ڪَڪهٽا ۽ اڪيلهہ جو انسان؛
الوميان، ناوَ هلي آ گيت ڪٿي!

ڪو وڻجارو، اوٽَ آسارو، نينهن ڪيو نادان؛
الوميان، ناوَ هلي آ گيت ڪٿي!

شيخ ”اياز“

ٻول انهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

ساڻيا ۽ سپني ۾ ويچا جو ٻہ مٽائي؛
ٻول انهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

سِٽ“ صدين جي سِٽ“ اندر ڪا جو نہ سمائي،
ٻول انهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

دل درياهہ، سمندر تانگها، ٿاهہ ٻَسائي،
ٻول انهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

چا چا هِنَ ٻنجيءَ جا ٻاچا، ۽ جي ڳائي!
ٻول انهيءَ جي ٻانهڙي آهيان!

## حافظ "احسن" چنا

وائي ورڻ جي دلبر وار ــ مُند ملڻ جي موٽي آئي!

گل ڦل ڦٽيا باغ بهاريا، گلن ڪيا گلزار......
گل سان ڪري ٽي بلبل ڳالهيون، چيهن جي چونگار......
سرنهن ڦلاري آئي بهاري، ڪٽيا ڪتنهار......
ليمان، ڏاڙهون، انب بہ آيا، توت پچي ٿيا تيار......
پيرون پڪا ۽ ڳاڙهيون ڳاڙهيون، ڏونئرن پڪڙا ڏار......
سانگ سفر تان سانگي آيا، ڪونجن آئي قطار......
بادل برسي آيا وسڻ لئي، جهڙ ڦڙ مينگهه ملهار......
پوکون پڪيون، لاب پيا اچ، ٿيڙا اَنَ انبار......
ڏکر ويا ٿيا سُکر سڻاوا، سرها ٿيا سنگهار......
راهون نهاريان، پانڌي پڇايان، واڳ وصل جي وار......
'احسن' جي ڪر آس هي پوري، ٻلبل تنهنجي ٻچار......
مُند ملڻ جي موٽي آئي!

## "استاد" بخاري

ڪفر هي ڪارا ڪوٽ، عمر! منهنجو وطن آ منهنجو ايمان.

ربّ ڏاڍو ٿئي، ماري پڇندو، ان ڏي ڏس اڻ سوٽ، عمر!
منهنجو وطن آ منهنجو ايمان.
ٿر جي ٻدلي، زر ٿو آڇين، نانگ ڪپر تنهنجا نوٽ، عمر!
منهنجو وطن آ منهنجو ايمان.
منهنجي آهنِ ڪي ٿڻي ٻانهون، ڀاڻ اٿئي پرزوٽ، عمر!
منهنجو وطن آ منهنجو ايمان.
ڪوڙ ڏنيون 'استاد' اکين سان، ڪرندي چوٽيون چوٽ، عمر!
منهنجو وطن آ منهنجو ايمان.

"وفا" نائنشاهي

پير پٽون ۽ رات آ ڪاري،
چارو چارو واري... منهنجي زاري...
مون وٽ ڳجرا، تنهنجي هٿ ۾،
ماريءَ واري چاري... منهنجي زاري...
شڪرا، باز، ٻرن ۾ سڏڪن،
ڪٻريون ڪانوَ شڪاري... منهنجي زاري...
هٿ هٿ ڦاهي، سن سن ڏانوڻ،
ماڻهو ماڻهو ماري... منهنجي زاري...
تارو تارو تي اڪين مان،
رات ڇٽي وئي ساري... منهنجي زاري...

"آثم" نائنشاهي

ڏاڍن ڏينهن کان پوءِ پنهنجو، پرين اسان وٽ آيو ڙي،
پرين اسان وٽ آيو ڙي!
پَرڪي پَرڪي ٻاهه برهه جيءَ، تائي تَنَ تپايو ڙي،
پرين اسان وٽ آيو ڙي!
لوئين جي لوهُن کان لڪندي، ساجن سانگ رچايو ڙي،
پرين اسان وٽ آيو ڙي!
پَل ۾ ڏهه ڏهه پيرا هُن تان، مون سِر گھورَ گھمايو ڙي،
پرين اسان وٽ آيو ڙي!
مُرڪي مُرڪي دل جي هرهڪ، تندُ طنبور وڄايو ڙي،
پرين اسان وٽ آيو ڙي!

احمد خان "اختر"

نيندَهن نشوئيي نهيش! پيتاري ڪو مرد مجاهد!
ڪيئن ڏسهي پيو دلبر ڏاران، ڪوئي عزيز ۽ خويش!
رَسَ ۾ رَسهي لاهوت ۽ لاحمد!

جان ۾ جلوي جوت جلائي، پرتيشون ٿيو جيئن پيش!
وَصُل وِصالَ ۾ تيئن تنهن واحد!

'اختر' بخشي نينهن مون نعمتَ، درد بَخشيُو درويش!
سائيءَ جنهن محبت مشاهد!

## "نثار" بزمي

جاڳن چوڪا چوڪيدار، پرين مان توسان ڪيئن ملان؟
ٿڏ ٿڏ پهريدار- پرين مان توسان ڪيئن ملان.

ساڙيو هي آهي زمانو،
چوڌاري آزار- پرين مان توسان ڪيئن ملان.

پن دلين جو سيڪو ويري،
يارَ بڻيا اغيار- پرين مان توسان ڪيئن ملان.

ڪنهن سان پنهنجو روح رَلائي،
سرس ڪريان سينگار- پرين مان توسان ڪيئن ملان.

مسڪينن جو مَولا آهي،
اڙين جو آڌار- پرين مان توسان ڪيئن ملان.

لڙڪن جا لڙڪ پوئي 'بزمي'،
هنجون وهائي هار- پرين مان توسان ڪيئن ملان.

## پرپو "ناشاد"

روح ڏنو تَم ريلو، يار-
گيت مٺي پيو گيت سڻايان!

سڪندي ڪيئي سال لنگهي ويا،
محبن سان ٿيو ميلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت سڻايان!

پرهہ ڦٽي، پرديسي آئين،
وڻندڙ ٽيڙو ويلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت مٽايان!

مان راڳي، ويراڳي آهيان،
ساجن، آءُ سويلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت مٽايان!

رمز عجب، 'ناشاد' سڄڻ جي،
آهيہ آجَهل، اربيلو، يار:
گيت مٺي پيو گيت مٽايان!



# گيت

"سليم" ڳاڙهوي

## تنهنجو منهنجو سنگ

تنهنجو منهنجو سنگ سَجايو، تنهنجو منهنجو سنگ!
تنهنجو منهنجو سنگ!

ٻين جو جوڙ ٻنائي ٻارهن، ٻن جي ٻٽجي ٻاري، ٻن ڦيٽن سان هلندي آهي گاڏي جيون واري،
پيارا پاپل پڙهندو رهه، تون ٻن جو پيارو انگ!
تنهنجو منهنجو سنگ!

ٻن ٻازن جو زور زيادهه، ٻن نيڻن جو نُور، ٻن پرڙن سان ڪُونجون آڏري پهچن ڏورئون ڏور،
هٿ جو هٿ سان ميل نهي تو، دل جو دل سان ونگ!
تنهنجو منهنجو سنگ!

ماڙيون ۽ محلات ٺٺائي مير جو مر سان ميل، ڦول ميلي ڦولن سان ناهن خوب خوشيءَ جا کيل،
ايڪي جو اسرار، پَسائي روح رچندو رنگ،
تنهنجو منهنجو سنگ!

تنهنجو منهنجو سنگ سنواري سهڻي سچ جي سيج، ساٿي، پنهنجو ساٿ آپاري، هينئڙن اندر هيج،
پيجل وانگر پول پڌائي، چوري ڇڏجي چنگ،
تنهنجو منهنجو سنگ!

تنهنجو منهنجو سنگ سَجايو، تنهنجو منهنجو سنگ!
تنهنجو منهنجو سنگ!

"عارف المولا"

## تنهنجي ياد ستائي!

تنهنجي ياد ستائي ساجن،
تنهنجي ياد ستائي ...
ڏور وڃي تو ڏينهن لڳائين، ڪانهه لڏهي ڪل سهڻا سائين،
چُنٽي تمنا آس اجهائي، ڦري اميدن تي ويو پاڻي،
ڪامل ڪر نه ڪنارا هائي، پيحد برهه بچائي— ساجن ...

ساگر جي ڇاتي ڇلڪي ٿي، رات جي رائي ڏس جهلڪي ٿي؛
اڇن اوڀاسيون، ڪَرَ ٿو موڙيان، انگ ازل جو لکيو لوڙيان،
ساريون راتيون سُڏڪيو ڪاٽيان، نيڻين نير وَهائي — ساجن...

پيرن تي پَڙ ٽيڪيس باسي، عمر گذاريم تنهنجي دلاسي؛
سَرَ نيسريا ۽ ڏياري آئي، تو نہ وصال جي واري وائي،
ڏياريءَ جي وٽ سوريان هرهر، تنهنجي آس لڳائي — ساجن...

سارو سيارو وِلهہ ۾ گهاريم، آسَ جو ديپڪ دل ۾ ٻاريم؛
انب انگوريا، آئي بهاري، ڪانہ ڪئي پَر تو ڀرواري؛
توکي ساريندي ويو گذري، ساوڻ مينهن وسائي — ساجن...

"عارف" وٽ اڄ دلبر جاني، هجئي نيئَہ شال جواني؛
دنيا عقبيٰ صدقي ڪريان، ڪنڌ ڪَپي پيرن ۾ ڌريان،
هيڪر پنهنجي دلڙي ٺاريان،
توکي سورَ سٺائي — ساجن...

"محسن" ڪڪڙائي

# تو ڇو دل لاتي

سڄڻا، تو ڇو دل لاتي، او سائين، تو ڇو دل لاتي!
ڪاڪ ڪنڌيءَ جي جنجهٽ ۾ تو،
پاتي ڪيئن جهاتي.
سَڄڻا، تو ڇو دل لاتي!

نظر نظر تي تير هٿي جي،
ڪَکُ-پَنُ آ ڪاتي.
سَڄڻا، تو ڇو دل لاتي!

تنهنجو پيار اڪيلو، هوڏي،
دنيا چو-واتي.
سَڄڻا، تو ڇو دل لاتي!

پُرڪين ويٺو لونُ قَتَن تي،
ڳائي پرڀاتي.
سَڄڻا، تو ڇو دل لاتي!

حُسن نگاهون ساهيون آهن،
تاڻي جهل ڇاتي.
سَڄڻا، تو ڇو دل لاتي!
'محسن' تيندو نيٺ تہ مانو،
جوڀن جذباتي.
سَڄڻا، تو ڇو دل لاتي!

عبدالقيوم "صائب"

## من مالڪ ميت ملائي!

آشا جا ٻني ديپ جلايم،
سندر سندر پاڻ ڦرايم،
من مالڪ ميت ملائي!
ناڪر پوڄيم، ناڪر ناهيم، گهر گهر دانهيم، در در ڪاهيم،
من ڪوئي پال پلائي،
من مالڪ ميت ملائي.
پاٺ پڙهايم، تيرٿ پيتم، پنهنجي هستي، پاڻهي سيتم،
شل بگڙي منهنجي بنائي،
من مالڪ ميت ملائي.
ڏيئي مٿي ڪئي شمعون ٻاري، راهون روشن ڪيڙم ساري،
شل منهنجو ڀاڳ پڙائي،
من مالڪ ميت ملائي.
پنڊت ڪوڙا، پنڊت ڪوڙا، مٽين موڙها، ڪوڙا سوڙا،
تن ڇڏيا دام وڇائي،
من مالڪ ميت ملائي.
ڪهڙا سجدا سکيون سانگ، سندر سان ڪئن پريي مانگ،
پٺي دنيا ڏيل ڏکائي،
من مالڪ ميت ملائي.
ڪا من ڪي آ پريت پياري، پريت جي آهي ريت نياري،
شل پريتم واڳ ورائي،
من مالڪ ميت ملائي.

# لوڪ گيت

"نياز" همايوني

## ڇيڄ

گهور وڃان، گهور وڃان، گهور وڃان گهور،
رنگ-رَتي، روپ-وَتي، تنهنجي ڳليءَ تان،
گهور وڃان......

ڇپر ستي ڇمر نچي، ٻَڌر مٿي مور-
جنهن ۾ ڏنو توکي ٻٽيو، چانڊوڪيءَ جو چور:
گهور وڃان......

جهاڙ رکي، جوڳيءَ وڏي، هينئين اندر هور-
جهور وڏا، جيءَ اندر، ٻپل وارا ٻور:
گهور وڃان......

ٻٽر ٻوي ٻاٽيءَ اندر، لهر ٻري زور-
تنهنجون ڳالهيون، ٻُڌي ٻُڌي، ٻجي ٻيامين ٻور:
گهور وڃان......

ٻيڄ-ٻني، ڪنهن نه لڌي، راتين جي ٻرگهور-
چنگ ٻجي، چاهه وڌو، چاتيءَ اندر شور:
گهور وڃان......

گهور وڃان، گهور وڃان، گهور وڃان، گهور!
نگ-رَتي، روپ-وَتي، تنهنجي ڳليءَ تان.
گهور وڃان......!

## نظم

عبدالڪريم "گدائي"

### چمن ۾ تو اچي بهار!

اٿي رفيق، همسفر، سجاڳ ٿي ڪو موڙ ڪر،
۽ گرد و پيش ڪر نظر، سمو آ ڇا حسين ترا
نظر پري ذرو نهارا
چمن ۾ تو اچي بهار!

نسيم صبح جو ڇُهاءُ، گلن جي بوءِ جو هُٻڪاءُ،
اٿاري دل ۾ تو امنگ، آئي آئي ڪوچور چنگ!
ورهين جون تلخيون وسار!
چمن ۾ تو اچي بهار!

هي ظلم و زور عارضي، اجهو اچي ٿي زندگي،
افق تي ياڪ ٿي ڦٽي، اجهو ٿئي ٿي روشني،
تون دل ۾ حوصلو ته ڌار!
چمن ۾ تو اچي بهار!

هي لنڊ موت سربسر، آئي، تون ڪاهلي نه ڪر،
قدم وڌاءِ تيز تر، ۽ منزلن تي رک نظر،
يقين رک ۽ اعتبار!
چمن ۾ تو اچي بهار!

گراني جون شڪايتون، ستم سنديون حڪايتون،
سيئي درگذر تہ ڪر، هي باهمي رقابتون.
انهن جو ڪر نہ ڪو شمار!
چمن ۾ تو اچي بهار.

کڻ اگر آ مرحلو، ڇڏيو مگر نہ حوصلو،
قدم قدم قطار ۾ وڌو وڌو، هليا هلو،
پهاڙ کان بہ آرپار!
چمن ۾ تو اچي بهار!

## هري دريباني ”دلگير“

اچي ٿي هُو پريان شرميلي ناري،
آها جنهن کي آ جوين جي بهاري،
آها نيڻن ۾ نوري، نُور واري،
آها جنهن کي چپن تي مرڪ پياري:
پريان سندريءَ جو کيڏو شان آهي،
سندرتا کان بہ سوپياوان آهي!

اجهو هائي نشيلي لار آئي،
کٺي آنند-پيالو، تار آئي،
سندس وارن مان ڇا هبڪار آئي،
چمڪ ڇهري منجهان ڇوڏار آئي:
گهليون هيرون، مٺين منزين وڻن لئہ،
اچي آغوش ۾، هن کي جهان لئہ!

بهاري هير آئي گلستان ۾،
وڻن ٽاريون وڄايون آجيان ۾،
پکڙجي ويئي خوشبو بوستان ۾،
لئين چڻ زندگي آئي زمان ۾:
چمن ۾ بولڊ شبنم خوب ٿهڪي،
گلن تي، گاهہ تي، موتين جان چمڪي!

کيا آنند، اپچر جا نظارا،
ڏسي ان کي، مٿان مُرکيا ستارا،
کيائون پرت مان کيڏا پسارا،
ڇپي ويا پو، پچر جي پاسي سارا:
هو چڻ سندريءَ پسڻ جي لئہ ها ترسيل،
سندس جهاتيءَ جهٽڻ جي لئہ ها ترسيل!

پَر آنهيءَ آڃَ ڪيل آب مان، منهنجا محبوب!
پنهنجي اکين کي مون هڪ ڏُڪُ به پيارڻ نه ڏنو.

تنهنجي ناڪام وجڻ ڪانپو ندامت ۽ خلش،
مون کي سُڪَ ساڻ سڄو ڏينهن گذارڻ نه ڏنو.

منهنجي مغرور طبيعت جو پڇهي شل ڳالهه!
جنهن مون کي تو ڏي نظر پر به نهارڻ نه ڏنو.



# آزاد نظم

واسديو "نرمل"

## لڙڪ ۽ مرڪ

بهار آئي آهي،
گلن جي چپن تي،
ڪري رقص ٿي مسڪراهٽ؛
مگر، ڪير ڄاڻي سگهي ٿو ته ڪڏهين،
اِها مرڪ ٿي ويندي گم.
خبر ناهه ڪڏهين،
گلن جا اِهي چپ،
اُنهن جي اکين جا،
ڇپر بڻجي پوندا،
۽ پوءِ درد تن جو،
ٿي شبنم جا قطرا،
اُنهن جي مٿان ئي ته لڳندو سو تڙڦڻ!
هي لڙڪن ۽ مرڪن ڀري زندگي،
خبر ناهه ڇا هي!

"استاد" بخاري

## "خدا حافظ"

توجه دوست!
علم النفس جا ماهر-
اسان کي ڪجهه ٻڌائن ٿا-
چون ٿا:
خوش رهو- ٺهڪو-!
کيلو- ڳايو-
ڪريو موجون.
نه پلجي ڪا سياڻي جي ڪريو ڳڻتي.
هي آئيندو،
هي مستقبل -
فريب آهي.
جو ڪجهه آهي سو اڄ آهي.
بکيا ماڻهو:
اوهان جي گهڻ گهرائي لاءِ -
شڪريو!
مٺا ناصح،
هي آئيندو- هي مستقبل- سياڻي-
سڀ اوهان کان ٿا ٻڌون.
اسان کي ڳڻتي جا پر ڇڪڙي آهي-
اَڄ جي-
۽ اَڄ رات جي-
هاڻي جي- هيئنر جي.
توجه دوست!
پنهنجي ديس جا شاعر-
اسان کي ڪجهه ٻڌائن ٿا.
چون ٿا:
جوش کي ڪائو-
جگر جي خون کي پيئو.

مگر جيئو.
ڏکيا ماڻهو :
اسان وٽ جوش ڪاٿي آهه؟
جو ڪانئون.
ڪٿان رت ايترو آڻيون؟

ولي محمد "وفا"

## ارادو

شهر زندان،
دشت ويران-
باغ سُنسان، ڇا ڪجي!
ماتم ڪجي؟
ڪنهن جو ڪنهن جو غم ڪجي!
زخمِ دل، زخمِ جگر،
زخمِ فراق،
ڪهڙي ڪهڙي زخم جو مَرهم ڪجي!
آءُ، ٻرين ڪا ڪوششِ باهم ڪجي!

"راز" نانئنشاهي

صبح آيو، وري اهو رستو.
ڏوڙ ساڳي ڇُهي ٿئي ٿي فَلڪ.
منهنجي محبوب ڳوٺ جا مارو،
ٻنهنجي سينهَن جو وڳ وڄن چارڻ.
منهنجي گهر ڪان وٺي،
ٻري تائين،
هڪڙو نغمو ٻيو ٻڌڻ ۾ اچي:
جيڪو آيري ٻيو ڇَڙن مان ٿو،
مون کي محسوس ٿو ٿئي ڇڻ هي،
منهنجو راتوڪو شعر آهي ڪو:
منهنجي ۽ 'هن' جي پيار جو وعدو-
ساڳيو هوبهو اهو لغمو-
جيڪو آيري ڇَڙن مان ٿو!



ستمگري آ، سراسر زيادتي آهي،
جو سمجهي دل جي صفائي، ڪو دار جي قابل.

چئن گهڙين سندي طاقت تي هي غرور، گهمنڊ،
هي رعب و تاب نہ آ اعتبار جي قابل.

ڪٿي آ دهشت نادر، تشدد، چنگيز،
ٿيا تهہ مٽيءَ جا سندن، پر، مزار جي قابل.

ڪڏهن چوي ٿي وحشت، تہ هن زمين کي ڇڏ،
جو هي زمين نہ سندم ٿي، قرار جي قابل.

مگر خزان هي ڏسي ٿي نہ خستہ دل، اي "فيض"،
جو ٿيندو جلد هي گلشن، بهار جي قابل!

ليکراج "عزيز"

●

ٿو ڪير ڏسي تو ڏي، دل ڪنهن جي تو ٻريائي،
آئينو ڪٿي هاڻي ٿي، پنهنجو تماشائي!

ڪٺ شمع گلن جي اڄ، وڄ ڪول وڏيل پنهنجو،
غم ڪر نہ ڏسي لب جي، بيڪار مسيحائي.

ڪنهن جا نہ وري گهتيا، گهڻ آهہ ڪرڻ خاطر،
رئندو نہ ڪو جو سمجهين، پيئي وڃي شهنائي.

زلفن کي پاڻي چوڙي، زنجير سنواري ڪر،
دل قيد اهي ٿيندي ڪا، سر ٿيندو نہ سودائي.

وہو شوق نيازيءَ جو، هر دل مان آتي هاڻي،
فرصت نہ پلي توکي، ڏي تنهنجي خودآرائي.

ساڳيون ٿي دليون آهن، ناهن ڪي اکيون بدليون،
ديدار تہ چا ناهي، ڪو وصل جو شيدائي.

هر داغ بہ سو گلشن ٿيا پيش نظر، دل جي،
چا ٿيو جي چمن جي مٽ، جي تنهنجي ٿي رعنائي.

## "ذوالفقار" راشدي

●

ساڪ-ينهي رابيل جيان آ ڪنهن جو مکڙو پورو،
دل جو پڙنر تڪيندي تنهن ڏي وقت ڪري ٿو پورو.

هردو ٽرٽر، اڪڙيون هيرڪير، انگ انگ ۾ سرهائيون،
پوپٽ جهڙن پرن تي چٽڪيل ريشم جهڙو ٻورو!

چانڊوڪين جي چاهه ۾ ڪنهن جي چت-چڪوري ڦٿڪي،
چوڏهينءَ چمڪي رات ڏنو آ ورهن جو ويسورو.

سڪثي آهي سوچ، اڏي تي ڳاڙهي ڳاڙهي ماڙي،
جنهن ۾ هڪڙيءَ لال پريءَ جو لُڏندو آهه هندورو.

ريت، پريت جي ڪوبه نه ڄاڻي، ڪوئي نه ڪنهن کي ٽوڪي،
هرڪنهن جو سک-ساءُ رهي ٿو ازلان ئي اٽورو.

پيالي سان ته پياڪن جو آ هيج اڳي کان اڳرو،
ڪوءِ ڪلالن جي وسندي آ ساهه ۾ سال سمورو!

هاءِ گمانئون ڪوئي رائو، سومل مُسجي ويٺي،
ڪاڪ ڦٽائي رات، چڙهي ويو رنگ ۾ راز اڏورو!

## اير. ڪمل

●

سوچ ۾ غرق زندگاني هئي،
شام جي آفتاب جان ٿي لڳي!

هن تڪل زندگيءَ جي موڳي مُرڪ، صبح جي ماهتاب جان ٿي لڳي!
هر تقاضا نئنر حياتيءَ جي، ڪنهن ستمگر جي خواب جان ٿي لڳي!
منهنجي بي صبر دل جي حسرت کي، مان تنهنجي عذاب جان ٿي لڳي!
ڳاري، سيني کي ٿي چڙي هيءَ "ڪمل"، زندگي، جا حباب جان ٿي لڳي!

## ”استاد“ بخاري

●

جدّت جي نموني سان سوچي ۽ سچ چئي ڦاٿا آهيون،
الله غني! ڪهڙن مهڻن ۾ اچي ڦاٿا آهيون.

مالهيءَ جي نظر، گل چين نظر، ايندڙ جي نظر، ويندڙ جي نظر،
ڪنهن گل جان اجڙيل گلشن ۾، بي وقت ٽڙي ڦاٿا آهيون!

ڪن گز چوڙيا، ڪن تير اڇليا، ڪن دام اَندا، ڪن دوناليون،
وهمن ڪي ڪري هرزا هرزا، آزاد اڏي ڦاٿا آهيون.

واعظ به رنو، پنڊت به رنو، آقا به رنا، ڪهڙو نه رنو،
انسان جي لئه حق لئه انسان، والله ڪُهڙي ڦاٿا آهيون.

هيڏهن ڦوڪا، هيڏهن چوها، هوڏهن جهونڪا، هوڏهن طوفان،
اونداهه جي ڪاري سيني تي هيڪر ته پڙي ڦاٿا آهيون.

بلبل جي چهڪ پڄرو چوريو، موتئي جي مهڪ گلچين آندو،
”استاد“ اسان جو ڏوهه ڪٿي! هي شعر ليکي ڦاٿا آهيون!

## واسديو ”نرمل“

●

دنيا آهه سُکن جي کاڻ،
ذرا ڏکن سان ڪوني، ماڻ.

دل جي ڌرتي، پيار جو ريج، ڪپي، مگر، ٿو درد جو ڀاڻ!
ننڊ نهوڙيو ”سسئي“ کي، ڪين هيس قسمت ۾ ڪاڻ.
ياد ۾ ”مهڻيءَ“ جي سڏڪي، پڇتائي پيو ٿو مهراڻ!
منهنجا سپنا، واسي چيڏيا، تنهنجي يادن جي سرهاڻ.
هڪ پيرو ته ستايو ٽئي، پيهر چيڙين ٿو چاڪاڻ؟
آڀ تي ڪوري چنڊ آئي، ڏاڪا جي سلمل ـ چانڊاڻ!
”نرمل“، جيون پيو ڪجهه ناهه، پلي بُري ۾ آ چڪتاڻ!

"وفا" ناٿنشاهي

●

حُسن بي پردہ، بي نقاب نہ آھہ؛
ڇا حجابِ نظر حجاب نہ آھہ؟

وقفِ 'هل من مزيد' آهي دل،
يار جو ظلم بي حساب نہ آھہ.

ڇا هي پيو تُنهنجي بزم ۾ ساقي،
ميڪشن لئہ اگر شراب نہ آھہ!

فتنئہ روزِ حشر آ بيدار،
هو اڃا تائين محوِ خواب نہ آھہ.

مون سان دانستہ ڇو خطاب نہ آھہ،
ڇا اِهو دوست، اجتناب نہ آھہ؟

منهنجي مايوسين جي حد نہ رهي،
دل کي اڄ آرزو جو تاب نہ آھہ!

هُن جي دل ۾ 'وفا' جو آ مَسڪن،
هُن جي محفل ۾ بارياب نہ آھہ.

"اَثر" ناٿنشاهي

●

اُچو ڙي سوڍا، اچو ڙي راڻا، ڪاڪ محل تي ڪاهيون،
ڪَنڊا-ڪُرڙا راھہ جا پيرن سان لَتاڙيون ڳاهيون!

ٽَري وِيَل جذبن کي پيهر ڦُوڪون ڏيئي ٻاريون،
ڇٽنگن مان ڪجهہ شعلا ناهيون، شعلن مان ڪجهہ ڀاهيون!

آڳر سان ستارا آپَ سان ڇاڻي ڇاڻي، ڍوري،
منڙي ملڪ جي واريءَ جا ڪجهہ ذرّا تن مان ناهيون.

لُڙڪن جا سڀ سنگ سموهي، رکندا ويجهو يارو!
هڪڙي ڏينهن انهن مان هيرن جون ٿي پونديون راهيون.

هيئين ڏيرين پاڻهن ڪي تلوارون پالا ناهي،
ڏاڍ ۾ هٿَ جا هڪ ٿي ڏَڪ سان ڳاٽا ڏڙ ڪان لاهيون.
هاءِ آلاجي ڪڏهن اوهان ڪرَ موڙي اٿندا، چوندا:
اڄ ته 'اُثر' سومل ماٺيون، ڪاڪ محل کي ڊاهيون!

"نثار" بزمي

●

شمع جلي، پروانا آيا،
درد ڪٺي ديوانا آيا.

جامن ۾ جي جلوا جاڳيا، مستيءَ ۾ ميخانا آيا.
چمن پڻ لاتي ساون طوطن، گل ۾ پائي ڳانا آيا.
پڪَ ۾ ٿي ڏي مستن کي تون، ڪونه اگر پيمانا آيا.
دل وارن کي ڪونه ڪنيسين، ساڻ ڪري نذرانا آيا.
محبوبن ڏي عاشق جيئڙا، صبح سنئين نيرانا آيا.
حق حقيقت ٻنجڻ خاطر، آس رکي افسانا آيا.
آباديءَ جي اوٽ ۾ "بزمي" ڪونه نظر ويرانا آيا.

"انور" هالائي

●

وقت اهڙو آهي آيو، دوستو،
هڪ نئين دنيا بنايو، دوستو!

جو ٿيو تا غير جا احسانمند،
پنهن جي گهر، پنهن جي مچايو، دوستو.

ڏک ڏسي هرگز نه گهبرايو ڪڏهن،
پاڻ اوڏلهن وک وڌايو، دوستو.

ڏک سکن جي سونهن آهن، سچ آهي،
درد و غم سيني سان لايو، دوستو.

پـاٽ ۾ نئين لاٽ ٻـاري، عـزم سان،
چـنـڊ تـارن کي جهُڪايـو، دوستو.

هـن زمين جـو شـل رهـي قائم سهاڳ،
ڪـيـچ اهـڙا روز ڳـايـو، دوستو.

حـق“ جا حـامـي ٿـيـو ۽ ظلم کي،
سڙس تـي مـاري سـچـايـو، دوستو.

سونهن روحـانـي ملي ٿـي سـچ“ سان،
ڪـوڙ تـي ڪيٿون وهـايـو، دوستو!

هيتري ٿي ٻاڻ سان ٻو، چو، اچا،
آزمـايـل، آزمـايـو، دوستو!

## ”جليل“ سروري

●

هَر دل ۾ هيٽي نفرت، هَر لَب تي ٻُري وائي،
بـي لوث مـحـبّـت هـن دنـيـا ۾ ڪـٿـان آئي!

آغـاز محبّت پـي انـجـام محبت ٿـيـو!
چا ناهـ اچا ڪاني، اي دوست هي رسوائي؟

اڄڪلهه نـ ڪٿي الفت ڏسجي ٿي زماني ۾،
ڳولي تـ ڪٿي ڳولي، ڪو پيار جو سودائي!

الفت جـي تقاضا کي ڪو پي تـ نتو چائي!
هيت پـيـار تـمـاشـو آ، انـسـان تماشائي.

چا ياد ڪريون ڪنهن کي، چا سار لهون ڪنهن جي،
اي دوست جڏهن ناهي خود پنهنجي خبر ڪائي!

هڪ پاسي غم الفت، ٻئي پاسي غم دوران،
چا چا نـ ستم آهي، هـي زيست ڪٿي آئي.

پنهنجن ۽ پراون کـي سمجهين ٿو برابر تون،
چا خوب ”جليل“ آهي، تنهنجي اها پنهنجائي!

پريو "ناشاد"

●

کيڏا نہ مزا ها تنهن ڏينهن،
اکڙين جا نشا ها تنهن ڏينهن!

مانهو جا مِٺا ها تنهن ڏينهن، دشمن جا کَٽا ها تنهن ڏينهن.
جا زلف دوتا ها تنهن ڏينهن، جڻ نانگ ٻِٽا ها تنهن ڏينهن.
سيء ناب سندي مستي هئي، سڀ هوش خطا ها تنهن ڏينهن.
مون تي تہ خمارن جا، جڻ مينهن وٺا ها تنهن ڏينهن.
من روح جي صحرا تي، گلزار ڦٽا ها تنهن ڏينهن.
من دل جا کيت لٽيل، کيڏا نہ ڀَلا ها تنهن ڏينهن.
کن ڀيار پُٽا آهن، مون پيار ڏنا ها تنهن ڏينهن.

اڄ چاهي، سُڄ نہ سُڄ:
چشما تہ لڌا ها تنهن ڏينهن!



## قطعا

### ”پروانو“ پنهي

(١)

قوم ساري، شاعريءَ جي شوق ۾ اهڙي پئي،
هر طرف آ ’فاعلاتن‘ ’فاعلن‘، وردِ زبان؛
پيٽ ۾ بُک ۽ زبان تي يار جي زلفن جي ڳالهه،
’فاعلاتن‘ تي ويو اچ کلهه آ بس قومي نشان!

(٢)

جيڪي منزل جي لڳن ۾ پيا وڃن،
تن جي قدمن کي ڀلا روڪيندو ڪير؟
جن جي سينن ۾ سوين طوفان ليڪل،
تن جوانن کي ڀلا ٽوڪيندو ڪير؟

### حافظ محمد ”احسن چنا“

(١)

خود ثنائي، خودنمائي آدمي لئه عيب آهه،
خاڪ جي تخليق کي هرگز جڳائي ڪين ٿي؛
اهڙي خصلت کان ٻين جي دل ۾ نفرت ٿي ٿئي،
ٿي ٿئي تحقير، ۽ عزت وڏائي ڪين ٿي!

(٢)

پاڻ کي پاڻهي پڌائڻ خوءِ ٽرڙائيءَ جي آهه،
لائقي ڪنهن جي ٻه ڪنهن کان ڪين ٿي مخفي رهي؛
بوءِ عنبر مشڪ جي پردن ۾ لڪندي ڪين آهه،
ليڪ نهٺائيءَ سان عزت عام ۾ وڌندي رهي!

(٣)

”پاڻ جن پاتيو، توائي سي ٿيا“ فرمايو شاهه،
سِڪ ايازي رمز تان، محمود جو محبوب ٿين.
هوت تن جي هنج ۾ آ جيڪي هيٺاهون هلن،
پهرين خادم ٿي ته پوءِ مخدوم ٿين مرغوب ٿين.

(٤)

جو نيازي ۾ ملي ٿو سو نه ملندو ناز ۾،
ناز ’احسن‘ زيب ۽ محبوب جو ئي شان آهه؛
عشق ۽ هستي هٺڻ، هوندا نه گڏ پئي پاڻ ۾،
حسن جي آڏو نه ايندو عقل جو سلطان آهه!

( ٢ )

نہ جو ڪو حق" وٺندو ۽ نہ جو ڪو حال بدليندو،
تہ ان ۾ وقت ۽ ماحول جو ڪو ڏوھ پڻ ناھي.
ڪڏھن سچ آيو آ سنبري جو ان ڪي رات سوٽايو،
ھو پنھن جي وقت تي ايندو تہ ان ۾ رات جو ڇاھي.

( ٣ )

ھزارن منزلن کان پوء ايندي منزل مقصد،
اسان جو ڪاروان، شوق ڪاھيندو وڃي جاڏي.
ھزارين زندگيون گھرجن ٿيون بس ھڪڙي منزل لئہ،
اسين ھڪ زندگيء وارا مسافرڙا وڃون ڪاڏي!

## احمد خان 'آصف'

( ١ )

خودي معنيٰ: خدا جي خَلق سان نيت خُلق سان ھلجي،
انانيت، نخوت، ڪبر تي ڪاھي ڪجن مارا.
اي 'آصف' پاڻ کي پاڻ ئي پڌائڻ آھہ نادانِي،
'ثنائي خود بخود ڪردن نہ زيبد مرد دانارا'.

( ٢ )

پنھنجي منھن سيڪو ٿو سمجھي پاڻ کي يوسف مثال،
پر گھٽڻ جي وچ ۾ ڪنھن ڪي' پنھنجو منھن وٽندو نہ آھہ.
احمقي ۽ آھہ نادانِي پڌائڻ پاڻ کي،
آھہ جو دانا اي 'آصف' ڏاڙ سو ھٽندو نہ آھہ.

## "وفا" ناٿن شاھي

( ١ )

آھيان برسات کان وڇڙيل قطرو،
ڪنھن حسين' سپ' ۾ ڪرڻ ٿو چاھيان.
ھڪڙي ناياب گُھر' بنجڻ لئہ،
تنھنجي جھوليء ۾ رُلڻ ٿو چاھيان.

( ٢ )

ڪج آدائي ۽ ستم ڪيشيء جو،
ڏيئي ڏوراپو ويو آ ڪوئي.
رات پڙ سون ڪي مچائڻ خاطر،
منھنجي ڇاتيء تي رُنو آ ڪوئي.

( ٣ )

چنڊ چوڏهينءَ جو، ڏکڻ جون هيرون،
۽ پيو دريا جو ڪنارو آهي.
پنهنجي جوڀن تي وجهي چڏ پردو،
منهنجو هر شعر اشارو آهي.

( ۴ )

سينڌ ڪَڍُ، پنهنجي خيالن جو مان،
آن ۾ سندور ڀرڻ تو چاهيان.
ٽورڙو مُرڪُ، ڪٿي مست اکيون،
مان ڪوئي شعر لکڻ تو چاهيان.

( ۵ )

چو طرف ياس ياس ڇو آهي؟
ساري دنيا اُداس ڇو آهي؟
ميڪده ۾ تو مڌ جو مينهن وَسي،
منهنجو خالي گلاس ڇو آهي!؟

## "آثم" ناٿنشاهي

( ۱ )

ذهن ۾ شعر تہ هيڪاندا ڦرن پيا، ليڪن،
نانَ جي نوڙَ ڪان نڙڳهٽ ۾ آڙي پيا آهن.
گردش دهر جي پيڙا ڪان قلم منهنجي مان،
بہ ڦڙا مَسُ جا هي ڪاغذ تي ڪِرِي پيا آهن.

( ۲ )

التجائن مان پَري نيڻ نهارڻ وارا،
پانئجي ٿو تہ تون ڪجھہ مون کي ڏيڻ ٿو چاهين.
تُنهنجي هين آسَ ۽ ايثار تان صدقي صدقي،
منهنجي لئہ مُلڪ ۾ بدنام ٿيڻ ٿو چاهين.

( ۳ )

اي دوست! رُئڻ وارا اهي پنهنجا لُڙڪ،
ڏي ٻُڪ ۾ ڀري، مان سي پيئڻ تو چاهيان.
رُئندن کي کِلڻ جيسين وٺي ڏيان واپس،
تيسين مان زماني ۾ جيئڻ تو چاهيان.

( ٤ )

هي نهارڻ جو فقط چو تا ڏيو هڪ الزام،
تهمتون پيون ته ڪي ڌريو نا جي ڏاڙيون آهن.
چو نہ هڪ ٻئي ڏي ڏسون، ڪالهہ ـ ڪلهوڻي مَس مَس،
هنجون ۽ سنهنجون اکيون پاڻ ۾ پڙيون آهن.

( ٥ )

عزت تون ڏسي ڪنهن جي، سڙين چو ٿو اي حاسد!
انصاف جي دامن کي هٿان ڇڏ نہ خدارا!
هي تنهنجو حسد، توکي ڏي نقصان ۾ وجهندو،
"آواز سگان، ڪم نہ ڪند رزقِ گدارا".

## غلام سرور پکهيو

( ١ )

قرب ۽ الفت ويا ناياب ٿي،
اڄ زماني جو وريو اهڙو ڪو واءُ؛
آهہ پيارو سڀ کي پنهنجوئي مفاد،
ياءُ کان بيزار آهي پنهنجو ياءُ!

( ٢ )

دل ۾ هڪ ظاهر، زبان تي ڳالهہ ٻي:
هيءُ ٿيو اڄ ڪلهہ زماني جو رواج،
اڳ انهن کي هو منافق جو لقب،
اڄ ملي تن کي ٿو تحسين جو خراج!

( ٣ )

فائدي پنهنجي لئي هرڪو دوست آهہ،
'ڪم لٿو بس پو ڊکڻ وسريو وڃي'،
ٿو هزارن ۾ لڀي ڪو باوفا،
جو ڏکن ۽ مشڪلن ۾ ڪم اچي!

## ”سليم“ ڳاڙهوي

هر جنس کي هر جنس گهُري ٿي دل سان،
شهباز جو شهباز سان اڏرڻ آسان،
فطرت جي تقاضا تہ عيان آهي، پر،
انسان کُـي تڪليف ڏئـي ٿـو السان!

## ’محسن‘ ڪڪڙائي

( ١ )

تڪليف، اذيت ۽ مصيبت ايندي،
آن بعد حقيقت ۾ مسرّت ايندي،
هر ڪوئي وطن لاءِ ڪري قرباني،
اِن ريت زماني ۾ صداقت ايندي.

( ٢ )

بيڪار رسومات جو باغي آهيان،
فرسوده روايات جو باغي آهيان،
دنيا ۾ صداقت ئي ڏسڻ چاهيندس،
فيتنن جو فسادات جو باغي آهيان.

( ٣ )

احساس ئي ڪونهي تہ وفا ڇا ڪريون،
توهين وفا، ذڪر جفا ڇا ڪريون،
غيرن جي عداوت کي ڀُڄي ڀونداسين،
پنهنجن جهي، ڀلاين، کي ڀلا ڇا ڪريون.

( ٤ )

دنيا ۾ محبّت ۽ مودّت ڪانهي،
جنبو تہ جهانُ ۾ ڪا حقيقت ڪانهي،
افسوس! شڪايت ٿو ڪرين يارن جي،
مون کي تہ عدو کان بہ شڪايت ڪانهي.

( ٥ )

اِنسان ڪان، اِنسان جي عزّت ويندي،
اخلاص، محبت ۽ مرّوت ويندي،
آن وقت بدون ٿـا، تہ قيامت ٿيندي،
جنهن وقت زماني مان صداقت ويندي.

( ٦ )

تعليم ۽ اخلاق، ليـاقت ڪانهي،
اخلاص، مرّوت ۽ صداقت ڪانهي،
زنده نہ رهي، موت سڏي ٿو آن کي،
جنهن قوم جي فردن ۾ محبّت ڪانهي.

## ”استاد“ بخاري

(١)

مضبوط پهاڙن کي لڳن ٿيون پيڙهون،
ڪمزور ڪرن ڪوڙ ڪڪايون ڪنڌيون.
ان دور جون پاڙون به آٿو ٽڪريءَ تي،
جو دور سکيو آهه اِهي تعميرون.

(٢)

جنهن دور ۾ انصاف نه ٿيندا آهن،
حقدار کي ڪو حقّ نه ڏيندا آهن.
پڌجي ٿو ته ان دور سندا پيءُ ۽ ماءُ
اولاد به باغي ئي ڄڻيندا آهن.

(٣)

افسوس جو ”هر حال“ اوهان سان ناهيان،
ڪا ڳالهه نه آ، مان به ته انسان آهيان.
انسان جون تقاضائون ته ساڳيون آهن،
چاهيو ٿا اوهين جيڪي، آهو ٿو چاهيان.

(٤)

بي حال کي خوشحال بڻائين ڇو ٿو،
اڻ ڏير کي انصاف سڏائين ڇو ٿو.
تون زور جي رکندين ته ڪو چوندو به ڪٿي،
هر رات، ڇٽو ڏينهن چوائين ڇو ٿو.

## ”راز“ ناٿنشاهي

(١)

رات آئي يا هي وار وڌا تو کولي،
هرڪا تي اونداهه ٿي ٿي ٻولي.
ڪجهه دير ته ڪڻ پنهنجو فروزان چهرو،
منزل جون ڇڏيئي ساريون نشانيون رولي.

(٢)

شاعر جي خيالن کان حسين آهين تون،
جنت جي حوالن کان حسين آهين تون.
مئخاني جي هر رات کي جوڀن ڏيندڙ،
رنگين پيالن کان حسين آهين تون.

(٣)

هي نور جي ڪا لاٽ ٿي ٿي چمڪي،
جنت جو ڪوئي نيل ڪنول ٿو مهڪي.
هي تنهنجو بدن شعر لطيف آهي يا،
خيام جي رنگين رباعي جرڪي.

لکميچند "پريم"

(١)

صوفي نه سڏائيج، نه جي آهين صفا،
هيت صاف، صفا صاف ڪپڻ تهه دل جا،
منهن رکج نه مُلان جو، اکيون چورائيون،
ڏي خود کي نه تون دوکو، ڪري وعظ وڏا.

(٢)

صوفي نه سڏائيج، آٿي راهه ڏکي،
دل جنهن ۾ رهي ٿي نه دلاسن جي بکي،
هيت پاڻ منجهان پاڻ کي سونهون ٿو ڪجي،
روشن ٿي ڪجي راهه، ٻئي جو الا مڪي.

(٣)

صوفي نه سڏائيج، نه جي درد آٿئي،
چهري جو ٿيو رنگ نه جي زرد آٿئي،
چهروئي دوست! دل جو آٿئي آئينو،
جنهن ۾ ٿي ڏسبو مرد ۽ بي درد آٿئي.

(٤)

صوفي نه سڏائيج، پياڻي جي رکين،
مدهوش ڪندڙ ميءِ جو چڪو جي نه چکين،
هين ميءِ سندي هڪ ڏک سان ٿي تون-
مان نه رهي؛
بس پاڻ منجهان پيو نڙر بکين.



# نيون طرزون

"محسن" ڪڪڙائي

[ماهيا]

*

اڄ پيتِ تي ويٺو ڪانءُ،
تو تہ دل پنهنجي هَليِ آ:
منهنجو تو لڏ ڦاٿي هانءُ.

ساوڻ جو تو مينهن پَوي،
اسان تنهن جي لاءِ سِڪون ٿا؛
پَرَ توکي ڪير چَوِي.

خالي خالي ڪوڪو،
مون ڪي کهڙي چاڻ تہ مَنَ!
تون پي ڏيندين دوکو.

تُوتَن سان پُر ٿالهي،
اوهين شل بهار هجو،
اسين ساڳيائي مالهي.

مترن جهليون ڦريون،
اوهان پرديسي او پيارا،
اسان ديس ۾ ڇا ڪريون!

"راز" نائنشاهي

[ترائيل]

*

تون اچين ٿي تہ رات جهومي ٿي،
چؤطرف روشني هَوي جَرڪي.
چؤطرف ڪائنات جهومي ٿي،
تون اچين ٿي تہ رات جهومي ٿي.
زندگي بي‌ثبات جهومي ٿي،
خامشي خامشي هوي سرڪي.
تون اچين ٿي تہ رات جهومي ٿي،
چؤطرف روشني هَوي جَرڪي.

*

ساجن تنهنجو نينهن،
اُن ڀورالو آهي، جئن،
چؤماسي جو مينهن.

ٿيو نہ انڌيرو دور،
سهسين تارن جو، آلا
ضايع ٿئي ڀيو نُورا

جڻ تہ ڏئي جي لاٽ،
حسن ڪڍي گوريءَ جو اُن،
وارن مان چلڪات!

هيءُ منظر ايڪانت!
جڻ تہ چنڊ جي چنگ تي،
ڳائي ڀيٺي سانت!

”تاج محل“، چانڊاڻ؛
گوري جڻ وهنجي پئي،
کير ۾ ماکيءَ ساڻ!

شاعر جا جذبات؛
پائل جي جهنڪار ڪجهہ،
ڪجهہ ڪوئل جي لاٽ.

ڪونجن سندي قطار؛
هوا اڏائيندي وڃي،
ڪنهن لاءِ ڦولن - هار؟

انهيءَ موڙ تي:
منهنجي جذبن ۾ ٿي تازگي، زندگي،
درد نا آشنا، بيخوديءَ کي ڇڪي، ان ٿي ٻاهر ڪيو؛
جوش، حدّت، حرارت—
تعشّق جي جذبن، نچڻ ۽ ٽپڻ ڪيو شروع، هر گهڙيءَ، هر پَهر:
۽ بيدار ٿيا، درد سان آشنا، هي زمين، آسمان،
ٿيٺ رحمت الاهي سان ٿمتار ٿيو—
منهنجو جامِ ضميرا



تحرير، اسان جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت حاصل ڪري چڪي آهي، پر لفظن، جملن ۽ زبان جي بنيادي حيثيت، با معنيٰ آوازن سان وابسته آهي. اهي ئي آواز، جن تہ هرعلم ۽ هر فن تي گهيرو ڪيون بيٺا آهن. ان ڪري، شاعريءَ جي هيئت، فقط چٽيل ۽ لکيل حرفن سان متعيّن ڪري نٿي سگهجي. اها موسيقيءَ، آوازن جي ترتيب، لهجي جي شيرينيءَ ۽ نرميءَ، اچارن جي صفائيءَ ۽ صحت، سان معلوم ڪري سگهجي ٿي.

اهوئي سبب آهي جو اثر پذيريءَ لاءِ، شاعريءَ جي لکيل ۽ چٽيل مواد سان گڏ، هيئت، ۽ ان جا وسيلا، راڳ، اچار، شيريني ۽ نرمي بہ هئڻ گهرجن.

# ۲

## افسانا


۱. هاءِ هيءَ دنيا — محمد عثمان ناطق

۲. ڪنهن سان سُور سليان — چيخوف

مترجم: الاهي بخش دوداپوري

۳. حقير مڇي — آلبرٽ موراويا

مترجم: غلام نبي ميمڻ

۴. پينو فقير جي دل — ميڪسم گورڪي

مترجم: چنا شبير "ناز"

۵. آنت — "بردو" سنڌي


## ناٽڪ


۱. موت ۽ مفاصلو — قاضي خادم

---

"انسان ۽ ان جي سماجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي ترجماني، جيتري افساني ۾ ٿي سگهي آهي، اوتري نہ شعر ۾ نہ تاريخ ۾!

"افسانو، انسان جي ڪنهن نہ ڪنهن جذباتي عمل ۽ رد عمل جي اهڙيءَ تہ سادي ۽ سولي تصوير ٿو پيش ڪري، جنهن ڪان پڙهندڙ جو ذهن هر حال ۾ متاثر ٿئي ٿو. ائين ٿيڻ سان، ان تاثر جو سلسلو وسيع ٿيندي ٿيندي، انساني حيات جا ٻيا بہ ڪيترائي حصا ۽ شعبا پنهنجي گرفت ۾ آڻي ٿو. ايتري قدر، جو پڙهندڙ پاڻ کي ان معاشري جو اهڙو جزو سمجهڻ شروع ڪري ٿو، جو سمجهي ٿو تہ اهي سڀ حالات چڻ تہ مٿس ئي گذري رهيا آهن.

"ان ڪري، ائين چوڻ ۾ ڪوبہ مبالغو نہ آهي تہ فرد ۽ معاشري کي اگر ڪا صنف ۽ ڪو فن پنهنجائپ جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي سگهي ٿو تہ پوءِ اهو آهي 'افسانہ نگاري'." —غ. م. گ

---

"هلي گهوڙي جي سار لهجي،" ايونا خيال ڪيو: "سمهڻ لاءِ تہ هميشه وقت آهي، تنهنڪري ان جي ڳڻتي ڪهڙي."

هن ڪوٽ پهريو ۽ تبيلي ڏانهن هليو ويو. هو گاهہ پني ۽ موسم بابت خيال ڪرڻ لڳو، ڇاڪاڻ تہ اڪيلائيءَ ۾ پٽ جي خيال ڪرڻ جي سگهہ ئي نٿي ساريائين. هو پنهنجي پٽ جون ڳالهيون تہ ٻڌائي سگهيو ٿي، مگر اڪيلائيءَ ۾ پٽ جون ڳالهيون ياد ڪرڻ يا ان جو تصور ڪرڻ، هن جي لاءِ بيحد عذاب ڏيندڙ هو.

"گاهہ ٿو کائين؟" ايونا پنهنجي گهوڙي جي چمڪندڙ اکين ڏانهن نهاريندي، ان کان پڇيو، "ڀلي کاءُ، جيتوڻيڪ داڻو کين ڪمايو اٿئي، مگر تون گاهہ کائي سگهين ٿو. ها! مان هينئر گاڏيءَ وهائڻ کان ڏاڍو لاچار ٿي ويو آهيان — منهنجو پٽ وهائي سگهي ها، نہ مان. جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها تہ فرسٽ ڪلاس ڊرائيور هجي ها. ايونا ٿورڙو ماٺ ٿي ويو ۽ وري چوڻ لڳو.

"منهنجا ننڍڙا گهوڙا، حقيقت ائين آهي. هاڻي ڪزما ايونچ ڪونهي. هو اسان کي سورن جي زندگيءَ لاءِ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. هاڻي ٻڌ، جيڪڏهن توکي ٻچڙو هجي ها ۽ تون ٻچڙي جو پيءُ هجين ها، ۽ اوچتو هو توکي ڇڏي هليو وڃي ها ۽ تون اڪيلو زندگي ڪاٽڻ لاءِ رهجي وڃين ها تہ تولاءِ ڪهڙي نہ ڏک جهڙي ڳالهہ ٿئي ها! ڇا اها ڏک جهڙي ڳالهہ ناهي؟"

ننڍڙو گهوڙو، جو چارو بہ چٻاڙي رهيو هو ۽ هن جون ڳالهيون بہ ٻڌي رهيو هو، تنهن پنهنجي مالڪ جي هٿ تي منهن رکي، ڦوڪارا هڻڻ شروع ڪيا —

ايونا جي دل ۾ هن جي عزت وڌي ويئي ۽ پنهنجي ننڍڙي گهوڙي کي سمورو قصو ٻڌائڻ شروع ڪيائين.



آلبرٽ موراويا
سنڌيڪار: غلام نبي ميمڻ

# حقير مڇي

اڪثر ڪري ماڻهن کي پنهنجي متعلق صحيح اندازو ڪونه هوندو آهي. ۽ هو انهيءَ ڳالهه جو به فيصلو چڱيءَ طرح ڪري ڪين سگهندا آهن ته ڪانئن اعليٰ ڪير ۽ ادنيٰ ڪير؟ انهيءَ اصول جي تحت مان پنهنجي شخصيت متعلق شديد قسم جي احساس ڪمتري جو شڪار رهيس. مان پنهنجو پاڻ کي سڀني کان بالاتر تصور ڪندو هوس. جيتوڻيڪ منهنجي جسم ۾ فولادي قوت ۽ سختي ته هئي ڪانه ۽ نه وري ڪو صفا نحيف ۽ ڪمزور ئي هوس. پر ڏئي ته ڏاڍو احساس پيدا ٿي ويو هو ته مان بلڪل ناتوان ۽ ڪمزور آهيان- شيشي جهڙو، شيشو به اهڙو جيڪو سڀ کان نازڪ هجي. مان پنهنجي ذهن ۾ هر گهڙيءَ پنهنجي شخصيت جو جائزو وٺندو هوس ۽ انهن سڀني صفتن ۽ صلاحيتن جو اندازو لڳائيندو هوس، جيڪي هڪ سٺي انسان ۾ اڪثر ڪري هجڻ گهرجن، جسماني قوت: نه هجڻ جي برابر، مان هڪڙو نهايت ئي ڪمزور قسم جو ڊانچو هوس، جنهن جون ٻانهون ۽ ٽنگون لٺ وانگر سڪل ۽ سنهڙيون هيون. اصل ڪوريئڙي وانگر هوس. ذهانت: ٻڙيءَ کان ٿورڙي، مان سڄي عمر پليتون صاف ڪرڻ واري ملازم وانگر ڪڏهين سڌو ٿي ٻيهي نه سگهيس. انهيءَ کان وڌيڪ منهنجي ڪند ذهنيءَ ۽ نالائقيءَ جو ٻيو ڪهڙو دليل ٿي سگهي ٿو. رونق: مٿئون کان وٺي گهه، زرد ۽ سڪل منهن، اکين ۾ مهينن ۽ سالن جو گند ڪچرو. نڪ پڪوڙي جهڙو، جنهن کي منهن جي ڊول ۽ اڏاوت سان ڪنهن به قسم جو ميل جول ڪونه هو. ۽ اهڙيءَ طرح ٻيون به انساني خرابيون. حوصلي مندي، چستي ۽ چالاڪي، شخصيت جي ڪشش، انهن سڀني متعلق ڪجهه نه چوڻ ئي بهتر آهي.

پنهنجي فطري ڪمزورين جي شديد احساس سبب مون عورتن سان واقفيت پيدا ڪرڻ جي ڪڏهن به خواهش نه ڪئي. مون زندگيءَ ۾ فقط هڪڙيءَ عورت جي ويجهي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اها هوٽل جي نوڪرياڻي هئي. ان منهنجي محبت جي شوق کي ائين چٿي هميشه لاءِ نڪرائي ڇڏيو هو ته ”تون هڪڙي حقير مڇيءَ جهڙو آهين.“ نوڪرياڻيءَ جا

”اهو سڄو ڏوھ تنھنجو آهي. تنھنجي ڪري ئي مان خوش فهميءَ جو شڪار ٿيس. تو منھنجي ذهن ۾ اهو خيال پيدا ڪيو تہ مون ۾ ڪجھ خاصيتون آهن، هن عورت چڱيان ڇيو هو. مان هڪڙي حقير مڇيءَ کان...... وڌيڪ حيثيت وارو نہ آهيان.

پر ’ايدا‘ منھنجو هٿ وٺندي، ۽ محبت ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو:

”خدا جو قسم! تون عظيم انسان معلوم ٿي رهيو هئين. هو توکان ڊڄي رهيو هو ۽ اهوئي سبب هو جو هن توکي هاٿيءَ جي پٺيءَ تي کڻي وهاريو. ۽ تون انهيءَ هاٿيءَ تي ويٺي سڄي ڪائنات کان وڌيڪ حسين — ۽ عظيم نظر اچي رهيو هئين.“

مان ’ايدا‘ کي هاٿي ڇاٽي چئي سگھيس!

مان سندس لاءِ ڪجھ پيو هوس ۽ پين ماڻهن لاءِ ڪجھ پيو. پر ڇا توهان هاٿي ٻڌائي سگھندا تہ عورتون ڇا ڏسي محبت ڪنديون آهن؟



سندس پٽ جي آهي. ڪيتري وقت کان هن جي دل جنهن شيءِ جي ڳولا ۾ هئي سا حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. هن جا سڀ غم هڪڙيءَ گهڙيءَ ۾ ختم ٿي ويا. پٽ جي ڪنهن نه ڪنهن نشانيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڳي هو چرين وانگر پيو ڀٽڪندو هو. سو اڄ آها هٿ ۾ جهلي خوشيءَ وچان پاڻ کي ئي وساري ويٺو. هن تصوير کي ڇاتيءَ سان لاتو.

ڪافي دير تائين تصوير کي ڇاتيءَ سان لايو ويٺو رهيو. نيٺ ان کي چمندي چمندي، ڪٽي ٻاهر نڪتو. ان طرح سان، هڪ دفعو وري ڪيس زندگي موٽي واپس ملي. اها چوري هن جي ڀرين ۾ آخري چوري هئي. آن کان پوءِ پٽي ڪنهن به شي جي چورائڻ جي ڪيس خواهش نه رهي. ڇو ته هاڻي ڪيس ڪنهن به شيءِ جي گهرج ئي ناهي!



"هر وڏو شاعر ۽ اديب، پنهنجي فڪري پرواز جي سببان، عوام جي ذهن ۽ فڪر جي پهچ کان گهڻو مٿي ٿئي ٿو. سندس فن، هر اعتبار کان، عام ماڻهن جي ذهني سطح کان صدين جي مفاصلي تي پرواز ڪندو رهي ٿو. هو جڏهن تخيّل ۽ فڪر جي بلندين تي اڏري ٿو، تڏهن عوام جو ذهن، سندس معيار ۽ رفتار جو ساٿ ڏئي نه ٿو سگهي. ان بلنديءَ تي پهچي، هو جو ڪجهه به محسوس ڪري ٿو، ۽ شدت، جذبات کان جا به واردات مٿس ٿئي ٿي، اها سندس روح جي ترجماني ڇئي وڃي ٿي. جيستائين عام ماڻهن جو ذهن، سندس بلنديءَ سان ساٿ ڏئي نه ٿو سگهي، تيستائين، سندس فن نه فقط عوام لاءِ ناقابل فهم رهي ٿو، پر ان سان گڏ سندس همعصر به سندس بلنديءَ تي اڏري نه ٿا سگهن — ان ڪري سندس فن جو انڪار ٿا ڪن."

# ٣


١. شاهه شجاع الملڪ (قسط ٢) — لطف الله بدوي
٢. سنڌي زبان تي ٽيل ڪوجنا — پروفيسر علينواز جتوئي
٣. سنڌي نام جي گرداني بناوٽ — ڊاڪٽر ٽرليڊر جيٽلي (دهلي يونيورسٽي)

٤. ادب لطيف
— ڪُل — فضل الاهي انصاري
— مسڪين — سرگواسي جهامنداس ڀاٽيا
٥. "مهراڻ" تي تبصرو — چونڊ پنڊڙ
٦. سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا — ادارو
٧. "مهراڻ" جا موتي — ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهه "بيخود" حسيني
٨. تبصرا

”ڪنهن بلند خيال کي، تمام سهڻي ۽ دلپذير انداز ۾ پيش ڪرڻ، هڪ مشڪل فن آهي. ڪيترا شاعر اهڙا به آهن، جن ۾ خيال ڏاڍا چڱا پيدا ٿين ٿا، پر سندن پيش ڪرڻ جي اسلوب ۽ انداز بيان جي ڪمزوريءَ جي ڪري، اهي هڪ عظيم شاهڪار بنجي نہ ٿا سگهن. اهي خيال، انهن مکڙيءَ وانگر آهن، جا اڻندي سان مرجهائجي وڃي ۽ ڪڏهن گل نہ بڻي.“

لطف الله بدوي

# شاهه شجاع الملڪ

## ( قسط ٢ )

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حاجي شيرمحمد باميزئيءَ جي مقابلي ۾ شاهہ شجاع کي فتح حاصل ٿي هئي، مگر هيءَ سندس خوشي عارضي ثابت ٿي. وزيراعظم جي موت، شاهہ جي حڪومت جي نظام ۾ اهو خال پيدا ڪري ورتو، جنهن جو پرجڻ هاڻي ناممڪن هو. افغانستان ۾ شيرمحمد جي حيثيت معمولي نہ هئي. سائس طاقتور قبيلن جو ساٿ هو. هن قبائلي يڪرنگي جي باعث، شاهہ جا دشمن وزير جي تدبير ۽ سياست کان خوفزده ٿي رهيا. جيئن ئي فتح خان کي شيرمحمد جي موت جي خبر ملي، هن پنهنجا هٿ پير مارڻ شروع ڪيا. هو شاهہ شجاع کان باغي ٿي قنڌار ۾ پهتو هو. هاڻي شاهہ کي قنڌار کان گهڻو دور سمجهي، مٿس قابض ٿي ويو. قنڌار کي پنهنجي پاڙن جي قبضي ۾ ڏيڻ کان پوءِ، هو غزني کان ٿيندو ڪابل پهچي ويو. شاهہ شجاع جي سردارن ڪيس روڪڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي، جنهنڪري فتح خان بي روڪ ٽوڪ ڪابل تي قابض ٿي ويو. هن بالاحصار مان شاهہ محمود کي آزاد ڪيو، ڪيس هڪ پيرو وري، ڪابل جي شاهي تخت تي ويهاريو ويو ۽ فتح خان قلمدان وزارت کي سنڀاليو.

شاهہ شجاع ان وقت پشاور ۾ هو. ڪيس فتح خان جي هن جرئت جو خواب خيال بہ نہ هو. مگر جڏهن شاهي جاسوسن کان ڪيس پنهنجي باغي ڀاءُ محمود جي آزادي ۽ دوباره تخت نشينيءَ جي خبر ملي، تڏهن پريشان ٿي ويو ۽ پنهنجي فوج سان خيبر جي دڙي کان گذري، جلال آباد ڏي روانو ٿيو. محمود جو بهادر وزير، شجاع جي ارادي کان غافل نہ هو. هو بہ پنهنجي فوج وٺي شجاع جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو. جلال آباد جي پرسان، شجاع ۽ فتح خان جي فوجن جو سخت مقابلو ٿيو. ٻنهي طرفن کان شجاعت جو غير معمولي اظهار ڪيو ويو. ڪجهہ وقت لاءِ معلوم ٿي نہ ٿي سگهيو تہ فتح ڪنهن جي نصيب ۾ ايندي. مگر افسوس جو قسمت شاهہ سان ياوري نہ ڪئي. شجاع ميدان جنگ مان پاڻ بچائي پشاور پهتو. شجاع جو وفادار ساٿي ۽ وزير اڪرم خان ۽ ٻيا سردار ميدان جنگ ۾ مارجي ويا. پشاور ۾ پهچي هن وري هٿ-پير هڻڻ شروع ڪيا. مگر سندس پويان فتح خان جو ڀاءُ دوست محمد خان پشاور کي

ويجهو اچي پهتو. شاهه سندس مقابلو ڪيو، پر قسمت وري ڪيس ساٿ نہ ڏنو. دشمن کان بچڻ لاءِ، هو پنهنجي اهل ۽ عيال سان گڏ لاهور جي طرف روانو ٿيو. پنجاب ۾ ان وقت راجا رنجيت سنگهه حڪومت ٿي ڪئي، جنهن کي لاهور ۽ ان جي علائقي جي حڪومت، زمان شاهه کان عطا ٿي هئي. شجاع ان ۾ وڏيون اميدون ٿي رکيون، مگر جيئن اڳتي هلي ڏسنداسون، ان احسان فراموش انسان، شجاع سان ظلم ۽ ستم ڪرڻ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڪئي. شاهه شجاع سنہ ١٢٢٦هہ جي اوائل ۾ لاهور ۾ پهتو. ابتدا ۾ رنجيت سنگهہ سندس ڪليل دل سان مرحبا ڪئي ۽ سندس هر آرام جو هر خيال ٿي رکيو.

## شاهه شجاع جي ڪشمير ۾ نظربندي:

اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ حاجي شيرمحمد باميزئي، جڏهن ڪشمير کي فتح ڪيو هو تہ پنهنجي پٽ عطامحمدخان کي اتان جو گورنر مقرر ڪيو هئائين. عطامحمد کي پنهنجي پيءُ جي بيوقت موت جو بيحد رنج ۽ غم هو. جيئن تہ هاڻي پشاور وزير فتح خان جي ڀائرن جي قبضي ۾ هو ۽ هو ڪابل جي مرڪزي حڪومت کان دور هئا، ان ڪري عطامحمد چاهيو ٿي تہ پشاور تي قبضو ڪري، ان کي ڪشمير سان ملايو وڃي. هن پنهنجي ڀائرن — سردار سمندرخان ۽ جهانداد خان باميزئيءَ — کي موڪلي ڏنو تہ هو پشاور تي قبضو ڪري وٺن(١). وڏي مقابلي کان پوءِ، فتح خان جي ڀائرن کي شڪست حاصل ٿي ۽ پشاور تي عطامحمدخان جي ڀائرن جو قبضو ٿي ويو. پشاور تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ، عطامحمد نهايت چالاڪيءَ سان هڪ نيازمندانہ عريضي شاهه شجاع الملڪ ڏي لکي موڪلي تہ "جيڪڏهن هو پشاور ۾ ايندو تہ سندس مدد ڪئي ويندي ۽ تخت تي وري ويهارڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي." شاهه هن جي نيازمندانہ خط کي ڏسي سندس فريب ۾ اچي ويو. هو بناڪنهن پيش بنديءَ جي لاهور کان پشاور ۾ پهچي ويو. ڪيس اتي ٿورو وقت آئي مس گذريو هو، جو پشاور جي باميزئي سردارن سمندرخان ۽ جهانداد خان، نهايت خواريءَ سان ڪيس عطامحمد باميزئيءَ ڏي ڏياري موڪليو، جنهن ڪيس پاڻ وٽ قيد ڪري رکيو. حميد ڪشميري، ان جو ذڪر هيئن ٿو ڪري(٢):

ز روباه بازي ڪشانش ببرد — بدست محمدعطا خان سپرد
عطا از خطائي قصاص پدر — بزندان چو رندان نمودش مقر
چوخورشيد را ننگ گرد د محل — رصد آفتش از قران ز حل

محمود ۽ فتح خان کي جڏهن عطامحمد باميزئيءَ جي حرڪتن جي خبر پئي، تڏهن فتح خان خود وڏي فوج وٺي پشاور ۽ ڪشمير تي حملي ڪرڻ لاءِ چڙهي ويو. سياسي طور تي بہ ڪشمير

(١) "تازه نوائي معارڪ" ۾ مصنف سمندرخان ۽ جهانداد خان کي عطامحمد جا ڀاءُ نہ ٿو ڏيکاري، پر تعليقات ۾ مرتب ان جو اظهار ڪيو آهي.

(٢) حميد ڪشميري: اڪبرنامہ: ص ٢٠ (مطبوعہ ڪابل).

هيري جي خاطر سٽنا هئا. سندس چهري تي هڪ رنگ آيو ٿي ۽ ٻيو ويو ٿي. هن سوچيو ٿي تہ ڪائنس اهو متاع عزيز هاڻي ڌار ٿيڻ وارو آهي. هوڏانهن رنجيتسنگهہ پنهنجي قسمت تي ناز ڪري رهيو هو. ٻنهي طرف ڪامل خاموشي هئي، آخر شاهہ شجاع پنهنجي خاص پانهين کان ان ڊٻليءَ کي گهرايو، جنهن ۾ هيءُ بي نظير هيرو رکيل هو. هن هڪ سرد آهہ ڪڍي ۽ اشڪبار اکين سان هيرو راجا جي حوالي ڪيو. مگر هيءَ حقيقت آهي تہ هيءُ هيرو رنجيتسنگهہ جي خاندان ۾ بہ گهڻو وقت نہ رهيو ۽ هيءُ هيرو سمونڊن پار انگلنڊ وڃي پهتو ۽ خالصن جي حڪومت هميشہ لاءِ تباهہ ٿي ويئي.

ديدي ڪہ خونِ ناحق پروانہ شمع را،
چندان امان نداد ڪہ شب را سحر ڪند.

## محمود جو ڪمال ۽ زوال:

فتح خان جي امداد سان، محمود هڪ ڀيرو وري افغانستان جو حاڪم تسليم ڪيو ويو. پر سندس حڪومت جو دور ڪهڙي حد تائين ٺيڪ ثابت ٿيو. فتح خان جي سياست ۽ تدبير سان، ملڪ جو گوشو گوشو فرمانبردار بڻجي چڪو هو. سن ١٢٣٢هہ ۾، محمود پنهنجي داناءَ وزير فتح خان جي همراهيءَ ۾، سرديءَ جي موسم کي گذارڻ لاءِ پشاور ۾ آيو. ان زماني ۾ فتح خان، ڪشمير جي حاڪم محمد عظيم کي گوشمالي ڏني، شاهي خزاني کي پنهنجي قبضي ۾ آندو(١). بهار جي اچڻ سان محمود وري ڪابل ۾ موٽي آيو. فتح خان جي تدبير ۽ سياست، محمود جي حڪومت کي ايترو تہ پختي بنياد تي بيهاريو هو، جو ان ۾ ڪوبہ نقص اچي، اهو ڏاڍو مشڪل هو. مگر جيئن تہ درانين جي قسمت جو ستارو، غروب ٿيڻ تي هو، ان ڪري قضا پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو.

قنڌار ۾ ان وقت محمود جو پٽ ڪامران حاڪم هو ۽ هرات تي سندس سڳو ڀاءُ حاجي فيروزالدين حڪومت ڪري رهيو هو. ڪامران ۽ فيروز جي اندروني طرح هڪٻئي سان نہ پوندي هئي، جيئن مشرقي درٻارين جو دستور هو. ڪامران ڪيئي ڀيرا پنهنجي پيءُ کي فيروز جي خلاف ڀڙڪايو، مگر محمود پنهنجي پٽ جي بغاوت ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. ان وقت ايران تي فتح علي شاهہ قاچار جي حڪومت هئي. سندس پٽ مرزا عباس، جو ان وقت مشهد جو گورنر هو، هرات کي فتح ڪرڻ جو ارادو رکيو. هيءَ خبر جڏهن فيروز کي پئي تہ هن محمود کي فوري امداد موڪلڻ لاءِ لکيو. محمود، فتح خان کي هن مهم جي لاءِ هرات موڪلي ڏنو. هو جڏهن قنڌار ۾ پهتو، تڏهن فتح خان سان فيروز جي خلاف گهڻيئي شڪايتون ڪيون ۽ مٿس زور آندائين تہ فيروز کان حڪومت کسي، ڪيس حوالي ڪري. فتح خان شهزادي

(١) منشي عبدالڪريم: واقعات دُراني: ص ١٨٩

نفرين ۽ ملامت لکي موڪليائين. مگر هاڻي فتح خان جون اکيون قيامت تائين روشن ٿيڻ واريون نه هيون. فتح خان، ڪامران جي حڪم سان تنڌار پهچايو ويو. محمود سندس دلجوئي ڪئي ۽ وزارت تي بحال رکڻ چاهيو، مگر فتح خان عرض ڪيو ته:

"انڌي جي وزارت مان نه سود نه حاصل! اوهان جيڪڏهن چاهيو ٿا ته منهنجي ڪنهن ڀاءُ کي وزارت تي سرفراز فرمايو."

مگر محمود ائين ڪرڻ لاءِ راضي نه هو. فتح خان جي انڌي ٿيڻ سان، افغانستان ۾ وري انقلابي حالتون پيدا ٿي ويون. فتح خان جي ڀائرن ۾ انتقام جو جوش پيدا ٿي ويو ۽ پختو ارادو ڪيو ته درانين جي حڪومت جو هميشه لاءِ خاتمو آندو وڃي.

## امير دوست محمد:

فتح خان جو لائق ڀاءُ امير دوست محمد، ان وقت ڪشمير ۾ هو. هو نهايت تيزيءَ سان وڌيو ۽ پشاور تي قابض ٿي ويو. ڪابل ۾ محمود جي خلاف جو جوش وڌي ويو، موقعي کي غنيمت سمجهي، دوست محمد تيزيءَ سان ڪابل روانو ٿيو. ٽن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ بالاحصار تي قبضو ڪري ورتائين. محمود ۽ ڪامران سخت مقابلو ڪيو، پر کين شڪست آئي. هو فتح خان کي ساڻ وٺي هرات ڀڄي ويا، جتي نهايت بيدرديءَ سان انڌي وزير کي قتل ڪيو ويو. فتح خان جي قتل، بارڪزئي ڀائرن ۾ وڏيڪ جوش پيدا ڪيو ۽ هو سڄي افغانستان تي ڇانئجي ويا. دوست محمد جي فتح مان فائدي وٺڻ لاءِ، هنن سڄي ملڪ کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ غزني امير دوست کي مليو. پر دوست محمد جي هوس ڪجهه پيو ڏسڻ ٿي گهريو. سندس ڀاءُ محمد عظيم ڪابل تي قبضو ڪري ورتو. هو ۽ سندس ٻيا ڀائر تنڌار تي قابض هئا. محمد عظيم چاهيو ٿي ته دوست محمد کان غزني کسي وٺي، مگر امير موصوف غزنيءَ جي ماڻهن جون دليون ايتري قدر ته قبضي ۾ ڪري ورتيون هيون، جو محمد عظيم، غزنيءَ کي وٺي نه سگهيو. هن پرآشوب ۽ افراتفريءَ واري زماني ۾، رنجيت سنگ، ڪشمير ۽ پشاور جي واديءَ تي قبضو ڪري ورتو. محمد عظيم کي جڏهن رنجيت سنگ جي هن اڳرائيءَ جي خبر ملي، تڏهن دلشڪسته ٿي مري ويو. (١) محمد عظيم جي موت وري ملڪ ۾ پريشاني وڌائي ڇڏي. مگر دوست محمد ڪابل تي قبضو ڪري، جلال آباد ۽ بالا باغ کي به فتح ڪري ورتو.

## شاهه شجاع الملڪ سنڌ ۾:

سن ١٢٣٣ هجريءَ ۾، مير ڪرم علي خان فوت ٿي چڪو هو ۽ سندس جاءِ تي سندس ننڍو ڀاءُ مير مراد علي خان تخت نشين ٿيو. ان زماني ۾ شاهه شجاع، لڌياڻه ۾ انگريزن جي پناهه هيٺ هو ۽ آرام سان وقت گذاري رهيو هو. ان وقت افغانستان ۾ خاني جنگي پوري زور تي هئي،

(١) ويميتروس چارلس بولغر: جنرل ايشين پورٽريٽس: ص ١٦.

پيچيده بڻائيندو رهيو. مرڪزي حڪومت جي مخالفت ڪري ڏسي، خيرپور جو حاڪم مير رستم خان به شاهه جي خلاف اٿي بيٺو. مير ڪاظم شاهه، جنهن جي دل ۾ شاهه جي خلاف نفرت جو جذبو اڳيري چڪو هو، پنهنجي ڀاءُ مير تقي شاهه ڪي، جو اُن وقت شڪارپور ۾ نائب ناظم هو، لکي موڪليو ته ”هو هڪدم خيرپور هليو اچي.“ ڀاءُ جي مخفي حڪم موجب، مير تقي شاهه، رات جي اونداهيءَ ۾ نڪري پيو ۽ وڃي پنهنجي ڀاءُ سان خيرپور ۾ مليو. مير تقي شاهه جي وڃڻ کان پوءِ، شڪارپور ۾ ميرن جي ڪامورن هڪٻئي پٺيان پڇڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ظاهر هو ته ملڪ جي انتظام ۾ خرابي پيدا ٿيڻ واري هئي. شاهه انهن حالتن کان متاثر ٿي، ملڪ جو انتظام پنهنجي قبضي ۾ ورتو ۽ ميرن جي ڪامورن بجاءِ، پنهنجي ماڻهن کي جدا جدا عهدن تي مقرر ڪيو.

هن افراتفريءَ جي زماني ۾، ميرن جي دربار جو هڪ بلوچ سردار مير عالم خان مري، جو ڪنهن وقت خيرپور جي ميرن جي طرفان شڪارپور ۾ نمائندو رهي چڪو هو، شاهه جي مخالفت ۾ سڀ کان وڌيڪ بهرو وٺي رهيو هو. هو ۽ سندس پٽ جهان خان پنهنجي ساٿين سان گڏجي، گوسڙجي تي چڙهي ويو(۱) ۽ اُن جي آسپاس ۾ غارتگريءَ کي شروع ڪري ڏنائين. گوسڙجيءَ جي حاڪم هدايت الله کي، جو شاهه شجاع جو عيوضي هو، مير عالم جي روش تي بيحد غصو آيو. هن کيس تنبيهه ڪئي ته هو پنهنجي ناشائسته حرڪتن کان باز اچي، مگر هو آسانيءَ سان باز اچڻ وارو نه هو. هن گوسڙجيءَ جي چوڌاري تباهي مچائي ڏني، ايتريقدر جو غريب دهقانين جون دانهون آسمان تائين ٿي پهتيون. جڏهن شاهه کي مير عالم مري جي گستاخي جي خبر پئي، ته هن هدايت الله خان کي لکي موڪليو ته ”هو اُن جي سرگرمين کي روڪي ۽ کيس سندس بي ادبيءَ جي سزا ڏئي.“ هدايت الله خان، پنهنجي بادشاهه جي حڪم جي اطاعت ڪندي، مير عالم کي روڪڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. هن وچ ۾ مير عالم، آباد ۽ جعفرآباد جي ڳوٺن تي قبضو ڪري چڪو هو ۽ اڳتي وڌڻ جي تيارين ۾ هو، جو هدايت الله خان سندس سر تي وڃي پهتو. هڪ خونريز مقابلي کان پوءِ مير عالم مريءَ جي فوج شڪست کاڌي، ۽ هو پاڻ ميدان جنگ ۾ مارجي ويو. ظاهر ۾ هيءُ هڪ معمولي مقابلو هو ۽ ان کي ڪابه اهميت نه هئي، مگر حقيقت ۾، ميرن ۽ شاهه جي جنگ جي هيءَ ابتدا هئي.

مير عالم جو پٽ جهان خان، جو هن مقابلي ۾ موجود نه هو، پيءُ جي موت جي خبر ٻڌي، غصي سان پرجي ويو. ناعاقبت انديشيءَ کان ڪم وٺي، انتقام وٺڻ لاءِ گوسڙجيءَ تي چڙهي ويو. هن اوچتي حملي کان هدايت الله خان پريشان ٿي ويو. هن جهان خان کي روڪڻ گهريو، مگر هن ڪشمڪش ۾ هو مارجي ويو. شاهه شجاع کي جڏهن پنهنجي نمائندي

---

(۱) گوسڙجي، سکر تعلقي ۾ ننڍو ڳوٺ آهي ۽ ريلوي اسٽيشن آهي.

جي قتل جي خبر ملي ته هو غصي کان بي تاب ٿي ويو ۽ پنهنجي سپه سالار سمندر خان کي، جو هڪ بهادر، سنجيده ۽ تجربيڪار سالار هو، حڪم ڏنو ته سڄي فوج کي تحرڪ ۾ آڻي ۽ جهان خان ۽ سندس پشت پناهه ميرن کي هن گستاخيءَ جي سزا ڏي.

## ميرن جون تياريون:

عالم خان مريءَ جي موت، خيرپور جي ميرن ۾ بيحد پريشاني پيدا ڪئي ۽ هو شاهه شجاع جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا. خيرپور جا فوجي سردار، جن مان مرين جو انداز گهڻو هو، جڻ ته محبت خان مري، ڏگانو مري، جلال خان مري ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاهه، وڏي فوج وٺي روهڙي پهچي ويا ۽ درياهه کي عبور ڪري، سکر ۾ وڃي منزل انداز ٿيا. سيد ڪاظم شاهه هن حال ۾ به صلح لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو، مگر ڪجهه به نه وريو. هُو خيرپور ۾ هو، جو حيدرآباد جي ميرن جو کيس حڪم پهتو ته لاڙڪاڻي هليو وڃي. هن حڪم ملندي ئي، هُو خيرپور مان نڪري ٺٽڙي لقمان خان ۾ اچي رهيو. مگر اتفاقاً خيرپور ۾ اُن رات عالم خان جي قتل جي خبر پهتي. مير ڪاظم شاهه جي خبر پئي، لاڙڪاڻي ڏانهن پنهنجي سفر کي ملتوي ڪيو ۽ مير رستم خان سان خيرپور ۾ وڃي مليو. سائس صلاح ڪيائين ته جڏهن ته جنگ هاڻي درپيش آهي ته کيس لاڙڪاڻي جي بجاءِ جنگ جي ميدان ڏانهن وڃڻ کپي. جئن ته قضا مٿس سوار هئي، رستم خان جي جواب ملڻ کان اڳي، کيس خدا حافظ چئي ٻاهر نڪري آيو ۽ روهڙيءَ جي وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو.

مرزا عطامحمد مصنف 'تاريخ تازه نواي معارڪ' پنهنجي تصنيف ۾ اُن موقعي بابت هڪ دلچسپ حقيقت لکي آهي ته "جڏهن ڪاظم شاهه، پنهنجي پيءُ تقي شاهه ۽ ٻي عملي سان گڏ سکر وڃي رهيو هو، تڏهن مون کي به پاڻ سان هلڻ لاءِ چيائين! مگر مان کيس انڪار ڪري چيو ته منهنجو ڪم آهي قلم هڻڻ نه شمشير زني. هر ڪنهن جو پنهنجو ڪم ٿيندو آهي، اُن ڪري مون کي ميدان جنگ ۾ هلڻ کان معاف رکيو وڃي... مطلب ته هيءُ خاڪسار موڪلائي پنهنجي گهر، شڪارپور هليو ويو. مير تقي شاهه به پنهنجي پيءُ کي گهڻو ئي سکر وڃڻ کان روڪيو، مگر هُو پنهنجي فيصلي تي قائم رهيو."

مرزا عطامحمد هن حقيقت کي لکندي، سنڌي فوج تي حد کان زياده طعنزني ڪئي آهي، ۽ مورخ جي بجاءِ هڪ ٻاوه گو بڻجي ويو آهي. بهرحال ميرن جون فوجون، شجاع جي مقابلي لاءِ، سکر ۾ موجوده سينٽرل جيل واري ميدان ۾ اچي خيمه زن ٿيون. انهيءَ ميدان کي اڄ به ڪرڙي وارو ميدان سڏيو ويندو آهي.

ٻئي طرف شاهه شجاع جي فوجن جو سالار سمندرخان، ٽي هزار فوج ۽ ست توبون ساڻ ڪري، سکر کان دور لال واهه جي پرسان اچي خيمه زن ٿيو ۽ نهايت چالاڪيءَ سان فوجي

**سنسڪرت ۽ ويدڪي زبان کان اڳ ڪا زبان هئي، جنهن جو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، ۽ جا تاتاري آکهہ مان هئي(١).**

ان کان پوءِ هن صاحب آهي انوکا اهڃاڻ مقدمي ۽ حاشين ۾ ڄاڻايا آهن، ۽ لکيو اٿس تہ آئيندي جيڪو صاحب هن ٻوليءَ جي مزاج ۽ گهراين ۾ وڃي تحقيق ڪرڻ گهرندو، تنهن لاءِ سندس ڀار پتا رهبري ڪندا. انهن تي گهري غور ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو، تہ واقعي سندس ڏنل ڀار پتا سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ڳولڻ لاءِ، ڪافي مواد پيش ڪن ٿا ۽ جن مان هاڻ ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي سنسڪرتي زبان نہ آهي.

مسٽر ٽرمپ کان اڳ ٻين صاحبن بہ سنڌي گرامر لکيا هئا. ڪئپٽن اسٽئڪ، ١٨٥٣ع ۾ سنڌي گرامر ڇاپيو، منشي اڌارام ١٨٥٤ع ۾ سنڌي وياڪرڻ لکيو؛ ميان محمد حيدرآبادي سنہ ١٨٦٠ع ۾ سنڌي صرف و نحو تيار ڪيو. انهن سڀني گرامرن ۾ تحقيق جو ڪو بہ ترورو موجود ڪونہ آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ کان پوءِ، ڄيٺمل وسڻاڻي ١٨٩٢ع ۾ نئون سنڌي وياڪرڻ لکيو. هن وياڪرڻ لکندي شري وسڻاڻي اٽڪل ويهارو کن ڪتابن مان مدد ورتي، مگر گهڻي مدد وري بہ ٽرمپ جي گرامر تان ورتي اٿس (ص ٢). سندس ڪتاب جي خوبي هيءَ آهي تہ سنڌيءَ ۾ لکيل هيءَ ئي هڪ گرامر آهي جنهن ۾ سنسڪرت گرامر جا مخصوص اصطلاح، عربي گرامر جي اصطلاحن سان گڏ ڪم آندا ويا آهن جا ڳالهہ سنڌي ٻوليءَ تي کوجنا ڪندڙن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندي. هن ڪتاب لکڻ سان شري وسڻاڻيءَ جو اصل مقصد هيءُ هو تہ جيئن جيئن سنڌيءَ جا ڄاڻو سنسڪرتي اصطلاحن سان واقف ٿيندا ويندا تيئن تيئن عربي اصطلاح مري سنڌيءَ ٻوليءَ مان نڪري ويندا(٢). اِها سندس خوش فهمي هئي. کيس اِها ڄاڻ نہ هئي تہ ٻولين جا لفظ ڇو مرندا آهن ۽ ڪيئن نوان ڄمندا آهن. سنسڪرت وياڪرڻ جي ڪن اصولن کي سنڌي گرامر سان لڳائيندي شري وسڻاڻيءَ ڪي غلطيون بہ ڪيون آهن. مثلا **پرڪرڻ پنجين ۾ سنڌي** (Sindhi) اصولن موجب جيڪي لکيو اٿس (ص ٢٤ کان ٢٩ تائين) سو جديد لسانيات جي اصولن بابت سراسر غلط آهي. انهيءَ سڄي باب کي مسٽر الانا ٿوري تبديل سان پنهنجي مقالي "سنڌي" ۾ درج ڪيو آهي (٣). مسٽر الانا کي کپندو هو تہ جديد لسانيات جي اصولن موجب انهيءَ مقالي کي نباهي ها تہ شري وسڻاڻيءَ جي ڪيل غلطي کان بچي وڃي ها. شري وسڻاڻيءَ جو اصل مقصد هيءُ هو تہ سنسڪرت وياڪرڻ جا سنڌي اصول **سنڌي** وياڪرڻ سان بہ لڳن ٿا.

شري وسڻاڻيءَ انهيءَ وياڪرڻ لکڻ کان اڳ **وُتپتي ڪوش** بہ لکيو هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لفظن جو ڌاتو سنسڪرتي ڌاتن سان لاڳاپو ڏيکاريو اٿس. انهيءَ ۾

(١) ص III (٢) Preface. P 2, (٣) مهراڻ ٽماهي ٣-٤/١٩٦٦ع ص ١٠٤-١١٥

جي عام مروج هجي درست آهي ۽ نہ مسٽر الانا واري ڏنل هجي (ص ۵۵ ۽ ۵۶). انهن ۾ ترميم نقط هيءَ ڪرڻ گهرجي تہ "ھہ" جي هيٺان زير ڏيڻ گهرجي ۽ "ر" جي مٿان پيش ڏيڻ گهرجي.

اسان جي ٻوليءَ "لھہ"، "ڙھہ"، "ڏھہ" ۽ "مھہ" وغيره وارا وسرڳ آواز (Aspifated Sounds) تازا پيدا ٿيا آهن ۽ اڳي اهي ٻن صوتين جي صورتن وارا جوڙ هئا، جن جي وچ ۾ سُر يعني مصوت هو. مثلا ڳاڙهو اڳي ڳاڙ ِهو هو ۽ اجا بہ ڪي ڪي ماڻهو ائين اچارين ٿا. انهيءَ ڪري اسان جي درسي ڪتابن ۾ اها پراڻي صورت ڪم آندي وئي آهي، جا بہ غلط نہ آهي.

مسٽر الانا ضميمي ۾ جيڪي درست صورتون پيش ڪيون آهن، سي لڳ ڀڳ صحيح آهن، سواء هن ترميم جي، جا مون اڳ ئي پيش ڪئي آهي. انهيءَ اصول موجب شَيِ ۽ مَيِ لفظن ۾ زبر ش ۽ م تي هئڻ گهرجي ۽ نہ ي تي. جن لفظن ۾ مسٽر الانا جزم ڏني آهي تن مان اها جزم ڪيڏي وجي ۽ ائين سمجهيو وجي تہ جن اکرن تي زير، زبر يا پيش ڏنل نہ هوندا تن کي ساڪن سمجهبو ۽ هجي ۾ انهن کي ٻهرين متحرڪ حرف سان ملائبو.

متئين ڪتاب کان پوءِ مسٽر الانا جا بہ مقالا، هڪ "سنڌي (Sandhi)" ۽ ٻيو "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" جي سري سان سماهي مهراڻ (۲-۴/۱۹۶۶ع ۽ ۲/۱۹۶۷ع) ۾ ڇپيا آهن.

سندس ٻهريون مقالو جديد لسانيات جي اصولن موجب درست ناهي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. ٻئي مقالي ۾ هن ڳالھ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تہ سنڌي ۽ سنسڪرت ٻئي هڪ ئي بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن يا ٻنهي جو بُنياد ڪا هڪ ئي اصلوڪي پراڪرت (natural) ٻولي آهي (ص ۷۳). گويا ٻئي هڪ ئي پراڪرت مان نڪتيون آهن، جا ڳالھ بہ درست ناهي.

انهن مقالن کان پوء، تازو هاڻي "سنڌي صوتيات" نالي هڪ ڪتاب، مسٽر الانا لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي رڳو آوازن جي، جديد لسانيات جي روشني ۾، وضاحت ٿيل آهي ۽ صوتين (Phonemes) جي تشريح کي بلڪل ڇڏي ڏنو ويو آهي. ان ڪري سندس هيءُ ڪتاب "پورو نہ، بلڪ اڌورو آهي." خود لکي ٿو تہ "صوتيات جو علم، 'صوت' (Phone) ۽ 'صوتيہ' (Phoneme) جي بيان، لفظن ۾ انهن جي تقسيم، توڙي سندن جزن (elements) جي تشريح لاءِ مواد مهيا ڪري ٿو (ص ۲)" انهيءَ صحيح راءِ موجب مسٽر الانا هن ڪتاب ۾ رڳو سنڌي صوتن يعني آوازن جي تشريح ڏني آهي ۽ صوتين جي تشريح کي ڇڏي ڏنو آهي جا اميد تہ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ ڏيندو. خود ڏنل تشريح بہ ڪٿي ڪٿي ترميم جي لائق آهي. هن ڪتاب جي خوبي هيءَ آهي تہ سنڌي آوازن جي تشريح جديد لسانيات جي اصولن موجب ڪئي ويئي ۽ نهايت ڪارآمد آهي.

## حالت ندا، عدد جمع:

حالت ندا، عدد جمع ڏيکارڻ لاءِ نامر-ٽڙ پنيان جيڪو صرفيه لڳي ٿو، تنهن کي [-ندا جمع] چئجي ٿو. اِنهيءَ جا جدا جدا نامر-ٽڙن پنيان لڳندڙ هر-صرف هيٺينءَ ريت آهن:

/-آيا-اؤ/او پڇاڙيءَ وارن اسر-ٽڙن سان لڳي ٿو.

چوکرو-چوکرؤ يا چوکرا!

/-آ يا-او/آ ۽ اؤ پڇاڙيءَ وارن مذکر اسمن سان لڳي ٿو.

ٻارُ-ٻارو يا ٻارَا!

/-او/ ڪلاس ٣، ۴ جي مذکر اسر-ٽڙن سان لڳي ٿو

رهاڪو-رهاڪئو!

/-ز يا-رو/ ٻرالي ڪلاس جي مذکر اسر-ٽڙن سان لڳي ٿو.

ياءُ-يائرَ يا يائرو!



رات جي وسڪاري سندس ڪڪائينءَ جهوپڙيءَ جو جهڳو جهڻ ڪري ڇڏيو هو.

پارڙا بک ۾ بک ٿي ٿيا. پورهيو پگهر جو سارو ڏينهن چڪر ڪاٽيندي به ملي نہ مليس. آخر مايوس ٿي وٿاڻ پيڙو اچي ٿيو.

اجان ٿوري آهٽ ڪن ٿي پيس تہ اميد سندس سيني ۾ سجاڳ ٿي، مگر ٻيءَ گهڙيءَ اها سمهي ٿي پئي.

نااميدي، تڏهين وسائل ڏيو ٽالهيءَ ۾ جهلي اچي اڳيانس ٿي. هن تڏهين ان کي چيو "ڙي امڙ ديپڪ ڪٿي جڳاءِ تہ من سجهندي ۾ ساهہ پئي."

هن تڏهين کيس ورندي ڏني "آءٌ ائين مورٌ ڪين ڪنديس. ائين ڪرڻ سان منهنجي منهن جي مٺيا غائب ٿي ويندي."

هن تڏهين کيس چيو "جيجل ڪيڏي نہ زوراور آهين، جو پنهنجي حسن کي حياتي بخشڻ لاءِ سوجهري کي آسرڻ جي واٽ بہ نہ ٿي ڏين! ايتري ۾ ابهم ۽ وڏڙا پار بک بک ڪندا، دانهون رڙيون ڪندا، اچي سندس اوڏا ٿيا، بک ٿا مرون.

اهي ڪچڙيون دانهون ٻڌي ٻسڪين جو منهن ٻهڪڻ لڳو ۽ کين چوڻ لڳو، هاڻو ابا ڍير.

گهڙي ٻي نہ گذري تہ پارڙي تپ ۾ پرندي هنڌ مان آٽي آئي ۽ سندس اڳيان اچي بيهوش ٿي ڪري پئي.

ٿڪندي زمين جي گود ۾ ساهہ ڏنائين.

موت ۽ زندگيءَ جي هيءَ ويڙهہ ڏسي، هن چيو "واهہ انصاف ۽ عدل هي آهي! ڪلاڪار هيءَ راند ڏسي تون ڇا ٿو چئي سگهين؟

’سائينءَ جي سونهن‘ جو ٿوروئي تصور ڪريون تہ هوند پيائيءَ جا پنڌن ڇڄي پون ۽ سون، آئون ۽ منهنجو جيڪر اسان جي مڪئون ڪڏهن بہ نہ نڪري. شاهہ لطيف چيو آهي:

سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو

ان ودِيا موجب سوري سيج آهي، زهر شربت آهي، مرض صحت آهي، ڏک سک آهي، ۽ موت حياتي آهي.“

[”سامي ءَ جا سلوڪ“ ڀاڱو ٣، تـات ٻرج لـکندڙ ڏيارام گدومل؛ آڪٽوبر ١٨٨٥ع، ڇپيل ١٩٢١ع، گڏ ڪندڙ ديوان ڪوڙومل ڪاشائي حيدرآباد سنڌ؛ ڇونڊ يندڙ: امتياز قاضي، حيدرآباد (سنڌ)]



● فطرت جي مطالع ڪان بينياز ٿي رهڻ، اهو جرم آهي، جنهن لاءِ ڪابه معافي ناهي. چو ته اها انسان ۽ حيات ۽ ڪائنات سان بغاوت ڪرڻ جي برابر آهي. —هٽلر

● زندگيءَ پنهنجو هڪ اٽل اصول ناهي ڇڏيو آهي. هوءَ، بزدل ڪي بزدلي، ڪوڙي ڪي ڪوڙ ۽ سچي ڪي سچ ئي ڏئي ٿي. —امام غزالي

● ٻئي جي ڪمال ڪان انڪار ڪرڻ، خود پنهنجي ڪمال ڪان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي. —ابوالڪلام آزاد

● قومن جو زوال، فڪر جي صلاحيت جي خاتمي ڪان پوءِ شروع ٿئي ٿو.
—علامہ اقبال

● آدميت، آدميءَ جي احترام ڪرڻ سان پيدا ٿئي ٿو. —علامہ اقبال

● جهل، هڪ اهو جنازو آهي، جنهن کي سماج ڪلهن تي ڪنيون ٿي گهمي! ان کي دفن ڪرڻ سان ئي، سماج جي جان ڇٽندي. —هربرٽ اسپنسر

● زندگيءَ جي صحيح اصول تي عمل ڪرڻ جي نيت ڪجي، پوءِ ان جي لاءِ سيڪجهه قربان ڪرڻ ئي زندگيءَ جو درست استعمال چئي سگهجي ٿو. —مولانا عبيدالله سنڌي

● گهڻو ڳالهائڻ، خود نفاق ۽ دروغ گوئيءَ جو دليل آهي. —امام غزالي



انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ



"سنڌو"

(لهرن لٽڪ لباس، پاڻيءَ پسڻ هڪڙو - شاهه)

# ٢٢ سالہ يوم آزادي

## فيلڊ مارشل محمد ايوب خان، صدر مملڪت پاڪستان جو پيغام

”اڄ اسان پنهنجي قومي تاريخ جي انتهائي شاندار سنگ ميل جي خوشي ملهائي رهيا آهيون. ايڪويهه ورهيه ٿيا آهن، جو برصغير جي مسلمانن خود مختار پاڪستان قائم ڪيو آهي. قائداعظم محمد علي جناح جي ولوله انگيز قيادت جي ماتحت، هڪ عظيم جدوجهد جي نتيجي ۾ مسلمانن غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي ڦٽي ڪيا. ٻاهرئين تسلط ۽ غلبي جي ٻن صدين ڪان پوءِ، برصغير جي مسلمانن هڪ اهڙو وطن قائم ڪيو، جنهن ۾ پاڻ ۽ سندن ايندڙ نسل وقار ۽ تحفظ جي احساس سان زندگي بسر ڪري سگهن ٿا. اسان کي الله تعاليٰ جي حضور ۾، شڪر ۽ انڪساريءَ جي جذبات سان سربسجود ٿيڻ گهرجي، جنهن بي پايان رحمتن سان اسان کي خود پنهنجي قسمت جو مالڪ بنايو آهي.

”هن سال، يوم آزاديءَ کي هڪ خصوصي اهميت حاصل آهي. هڪ نئون نسل جوان ٿي چڪو آهي. اهو نسل آزاديءَ جي فضا ۾ پيدا ٿيو آهي، ۽ ملڪ سان گڏ وڌيو ۽ وڏو ٿيو آهي. ان نسل کي انهن ادارن ۽ سماجي ۽ اقتصادي قالبن جي حفاظت جو ڪم ڪرڻو آهي، جي ادارا اسان جي ضرورتن جي تڪميل ۽ وقت جي چئلينج جي مقابلي ڪرڻ لاءِ قائم ڪيا ويا آهن. سندن سياسي نقطهءِ نظر، اقتصادي مسئلن ۽ ثقافتي ۽ روحاني قدرن کي هڪ آزاد ۽ خود ڪفيل معاشري جي صفتن جو مظهر هئڻ گهرجي. استبداد واري دؤر ۾، اسان کي ايجيٽيشن ۽ قانون شڪنيءَ جي راهه اختيار ڪرڻي پئي ٿي، ليڪن اڄ اسان جي بنيادي ضرورت قومي اتحاد ۽ تنظيم هئڻ گهرجي. هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان زندهه رهڻ لاءِ، اسان کي سڀني بنيادي مسئلن تي قومي راءِ کي متفق ڪرڻ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. ان جو مطلب اختلاف راءِ کي ڪچلڻ ناهي. بيشڪ بحث ۽ مباحثي جو مستقل سلسلو جاري رکڻ گهرجي، جنهن ۾ سڀني مسئلن کي پيش ڪرڻ جي مڪمل آزادي حاصل هجي، ليڪن اسان کي مقصد تي متفق ٿيڻ گهرجي. بنيادي ضرورتن، اتحاد، ترقي ۽ دفاع جو علم هئڻ گهرجي...“

پاڪستان پاينده باد۔

[صدر مملڪت جو پيغام، ”حريت“، ١٥- آگسٽ، ١٩٦٨ع]